# پٿر جو جگر ميڻ جي دل

(ناول)



نئون نياپو

# پٿر جو جگر

# ميڻ جي دل

(ناول)

موهن ڪلپنا

نئون نياپو اڪيڊمي
سچل ڳوٺ ڪراچي

**ڪتاب جو نالو:** پٿر جو جگر ميڻ جي دل
**موضوع** ناول
**ناول نگار** موهن ڪلپنا
**تعداد:** هڪ هزار
**ڇاپو پهريون (سنڌ ۾)** ماهوار نئون نياپو جون 2005
**ڇاپو ٻيون (سنڌ ۾)** جنوري 2012ع
**ڪمپوزنگ:** سرمد آڪاش
**پاران:** نئون نياپو اڪيڊمي،
D-1 سچل ڳوٺ گلشن اقبال ٽائون ڪراچي
Cell # 0346-2103811

**Rs. 90/=**

# پبلشر جو نوٽ

سنڌي ادب جا ابا ڏاڏا، جن جي لڪڻين جي انبارن تي اڄ اسان سنڌي ادب جا ساٿاري وڏي هوڏ ۽ لوڏ سان بيٺا آهيون. ان انبار ۾ خاص تخليقي ادب جي حوالي سان اٽڪٽ ڪم ۽ اڻتڪ انداز ۾ لکي پاڻ ملهائي ويندڙ اسان جو استاد اديب موهن ڪلپنا جو هي دل کي ڇهندڙ ۽ زندگيءَ جي انيڪ رنگ پسائيندڙ ۽ خاص جواني ديوانيءَ جي مامرن موجهارن تان پردو کڻندڙ ناول جيڪو مون پڙهيو ته هڪ ئي ساهيءَ ۾ پڙهي پورو ڪيو ۽ منهنجين ويجهن دوستن سان پڻ اها ئي ڪار ٿي ۽ آخر ۾ هڪ جيڏن اهو پهه ڪيو ته ڇو نه هي پيارو ناول سنڌي پڙهندڙن آڏو پيش ڪري واهه! واهه!! وٺجي...

سو حاضر آهي ميهڙ جي ميينديءَ جي رنگن جهڙو شڪارپور جي ڪتاڻ جهڙو ڪٽڙو ، لاڙڪاڻي جي زيتونن جهڙو منڙو ناول:

”پٽر جو جگر ميڻ جي دل“ پاڻ پڙهو ۽ پنهنجن دوستن کي پڙهي ٻڌايو ۽ پڙهي اسان کي به پنهنجي راءِ کان آگاهه ڪريو...

اوهان جو

سنڌي انعام

# موهن ڪلپنا:

# فن ۽ شخصيت

”هر اها رات، جنهن رات مون کي سنڌ جو خواب ايندو آهي، تڏهن مان هڪ ماءُ کان وڇڙيل ننڍڙي ٻار جيان ڇرڪي پوندو آهيان.“

احساساتي ولوڙ پيدا ڪندڙ اهي لفظ سنڌي ٻولي جي بهادر ۽ مهان ليکڪ موهن ڪلپنا جا آهن.

موهن ڪلپنا ڀارت ۾ رهندڙ سنڌي جاتي جي ثقافت ۽ ٻولي جي بچاءُ واري محاذ جو اڳين صف وارو هڪ جاکوڙي سورمو هو. ڀارت نه رڳو سنڌي ادب جو وڏو نانءُ هو پر تهذيبي ورثي ۽ ثقافتي قدرن سان وابستگي کي پنهنجي جيون ۽ ڪلا جو بنياد سمجهندڙ هڪ

هاڪاري ليکڪ بہ هو. هو پنهنجي ڄمار جو ڏگهو عرصو بنا ساهي جي سنڌي ادب جي اوسر ۾ رڌل رهيو. هن جي ڪُل وقتي ادبي پورهئي ۾ 13 ناول، 5 ڪهاڻين جا ڳُٽڪا، چار نظرياتي تنقيدي ادب جا ڳُٽڪا، هڪ شاعري، هڪ خطن جو ڳُٽڪو ۽ هڪ آتم ڪٿا جو ڪتاب، شامل آهن. موهن ڪلپنا آدرشي متن تي ڪاربند رهندڙ تخليقي سوچ وارو هڪ ذهين ۽ بيباڪ ذات ڏٺي ڳُٽيو ويندو هو. جنهن نہ رڳو اظهار جي سگهاري ڏانءُ وسيلي پنهنجي بولي، سوچ توڙي تخليق ۾ جهجهي گهرائي ۽ ظرافت پيدا ڪئي پر پنهنجي فني ڪٿ ۽ ڳڻ ڳوت وسيلي انساني من جي ٽٽل حصن ۽ پڳل احساسن جو گهيراءُ ڪري پنهنجن لکڻين جو موضوع بڻايو. هن قياسي طبعيات (Speculative Science) جي اثر هيٺ فرد جي سماجي حوالن کي ڪٽي پري اڇلي ان جي اندر جي ڇيد ۽ ذهني ڇڪتاڻ کي وائکو ڪندي ڪهاڻي ڪيتر ۾ وڏيون وکون کڻي، نہ رڳو ڪهاڻي جي گهاڙيٽي ۾ بنيادي تجربا ڪيا پر ڪهاڻي جي جوڙجڪ ۽ تشبيهن جو نهڪندڙ استعمال بہ هن جي الڳ سڃاڻپ جو سبب بڻيا. موهن جي ڪهاڻي جا فني نمونا ۽ محاورا ٻين هم عصر ليکڪن جي ڀيٽ ۾ نهايت ڇنا ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ آهن. هو سنڌي ڪهاڻي جو رُخ مقرر ڪندڙ هڪ اهڙو چوٽي جو ڪهاڻيڪار ليکجڻ ۾ اچي ٿو. جنهن جديد ڪهاڻي جا پڪا فني بنياد ٻڌي ڪهاڻي کي ٻاهر کان اندر طرف ۽ سماج کان فرد طرف ڇڪي آندو. رواجي سماجي وهنوار جي بنياد تي موهن زندگي جي سطحي سماجي قدرن، ماڻن ۽ ماپن کي رد ڏيندڙ شخص هو. انساني تاريخ ۾ هڪ نہ ٻئي وک تي مجرد اصولن ۽ هٺ نوڪين سرشتن هٿان مات کائيندڙ زندگي جا قدر، هن جي گهري مشاهدي هيٺ آيا، اهو ئي سبب هو جو هوءَ زندگي جي مقرر ٿيل ۽ مجرد اصولن ۽ سرشتن کي انساني شعوري عمل ۽ احساسن جي ابتڙ سمجهندي انساني جذبن جي بہ ـاءُ کي سڀ کان وڌو سماجي

قدر ليڪيندڙ شخص بڻجي پيو هو.

تهذيبي قدرن ۽ انساني آدرش وچ ۾ پل اڏيندڙ سنڌ سان فطري ڳانڍاپي جو زوردار اظهار ڪندڙ هي ليکڪ 24 نومبر 1934ع تي ڪوٽڙي ۾ پيدا ٿيو. موهن جي ننڍپڻ واري فڪري اوسر بلاشڪ و الميڪي فلسفي، ويدوياس جي مهاڀارت ۽ ٻين انيڪ مذهبي متن جي بنياد تي ٿي هئي پر ڀڳت ڪنور جي جنازي ۾ شريڪ سنڌي هندن ۽ مسلمانن جي شڪلين ۾ هن کي رڳو ڏاڙهي، مڇن ۽ ڪپڙن جو فرق نظر آيو هو. موهن جي ننڍپڻ واري اوسر وارا اهڙا مشاهدا تي اهڃاڻ هن لاءِ ڪارگر ثابت ڪو نه ٿيا ۽ هوءَ ڪن حالتن هيٺ يارهن سالن جي عمر ۾ انتها پسند هندو تنظيم راشٽريه سويم سيوڪ سنگهه (آر. ايس.ايس) ۾ ڀرتي ٿيو. هندو مت ۽ فلسفي بابت پنهنجا ويچار پختا ڪندي هوءَ سنڌ ۾ هلندڙ آر.ايس.ايس جي ڪيترن ئي تشدد آميز ڪاررواين ۾ به شامل رهيو. چاليهه واري ڏهاڪي جي وچ ڌاري سکر ۾ مسجد منزل گاهه وارن فسادن ۽ ڀڳت ڪنور جي شهادت ڪري سنڌ سماجي ڀيج ڊاهه ۽ اٿل پٿل جو شڪار ٿي ويئي. اُپ کنڊ جي ورهاڱي تاريخ جي وڏي انساني وهڪري کي جنم ڏنو. 6 جنوري 1948ع تي موهن جي ڪراچي واري گهر تي حملو ٿيو. خوف ۽ پاڻ بچائڻ واري حالت ۾ موهن پنهنجي خاندان سميت لڏي اچي بمبئي کان ٻاهر جوڙيل ڪلياڻ رفيوجي ڪئمپ ۾ پناهه ورتي. پوري سنڌ لڏپلاڻ جو شڪار ٿي. ڪلياڻ ڪئمپ جي بيرڪن ۾ سٽيل ماڻهن جا انبوهه فقط ڳوٺين جون پٽيون ناهي حد بنديون مقرر ڪري وينا ۽ ڳوٺين جي چيرن مان پيڙا جا هڙبئي ڏيک پناهگير زندگي جي پٽ وائکي ڪرڻ لڳا.

جيتوڻيڪ اُپ کنڊ جي ورهاڱي سان گڏ ٻئي مهاڀاري ويڙهه جي خاتمي دنيا جي نوجوانن ۾ نون فڪري مباحثن کي جنم ڏيڻ شروع ڪيو جنهن ڪري جنگ جي ڪارڻن، ڏاڍي ۽ هيڻي جي لاڳاپن،

فسادن جا سماجي بنياد، انساني فطرت ۽ سوشلسٽ برابري، انسان پرستي ۽ تصوفي طرز فڪر، زندگي ۽ موت جي وچ وارو سوال، سماجي ارتقا ۽ اڻ برابري جهڙن گنڀير سوالن جي ڇيد ڪرڻ واري خواهش پٺاندڙ نوجوان، ڪارل مارڪس، سگمنڊ فرائڊ، رابرٽ آئنسٽائن ۽ چارلس ڊارون جي فلسفن ۽ عملن جو نئين سر اڀياس ڪرڻ لڳا پر موهن ڪلپنا ۽ ان جا هم عصر ليکڪ ورهاڱي جي درد ۽ لڏپلاڻ واري پيڙا هٿان ڇن پروڻ ٿي پوڳنائن جي وَرَ چڙهي اُڪلي ويا. ڏک ۽ دٻاءَ جي اهڙي تجربي لڏي ويندڙ ماڻهن ۾ بنيادي طرح ٻن قسمن جي نفسياتي رد عمل کي جنم ڏنو.

1: شعوري طور اها سوچ ايرڻ لڳي تہ انهن مٿان نامرادي، نااميدي ۽ مايوسي کي ٿاڦيو ويو آهي

2: نئين ماحول ۾ بيهر وسڻ واري جدوجهد ٿڪائيندڙ ۽ مونجهارن ڀري هوندي، اهڙي سوچ عام ماڻهو ڪانسواءِ ڪيترن ئي ليکڪن جي سرگرمين کي بہ مانو ڪري ويڳاڻو بڻائي ڇڏيو هو. جنهن ڪري ڪيترائي ليکڪ، ”سڃاڻپ جي بحران“ جو شڪار ٿيا. اهو ئي سبب آهي جو ورهاڱي کان ترت پوءِ واري سرجندڙ ادب ۾ اوپرائپ ۽ گهر کان ڌڪاريل ماڻهن جي احساسن جا اولڙا ۽ عڪس وڏيڪ ملن ٿا. موهن بہ پنهنجن لکڻين ۾ اهڙن احساسن جي ور چڙهيل، سڃاڻپ جو گهرجائو ۽ سماجي اڪيلائپ خلاف شخصي جدوجهد ڪندڙ ليکڪ نظر اچي ٿو. ڊسمبر 1948ع ۾ موهن جي پهرين ڪهاڻي، ”آتم هتيا“ ڇپي. ڪهاڻي ورهاڱي ۽ وڇوڙي جي ٻٽي درد ۾ پنل ان ڪردار جو گهيرو ڪري ٿي جيڪو ويڳاڻپ جو شڪار ٿي. احساساتي پيڙا مان گذرندي آتم هتيا ڪري ٿو. 1951ع ۾ موهن ڪلپنا، نارائڻ ڀارتي، ايشور آنچل، گني سامتاڻي ۽ راجن چاولا گڏجي، ”سنڌي ساهت سڀا“ جو بنياد وڌو. هند ۾ جوڙيل سنڌي اديبن جي ان پهرين تنظيم جو صدر ”پرسرام ضياءَ“ کي چونڊيو ويو ۽

تنظيم جي ادبي ڪلاسن ۾ گڏجاڻين جو دستوري سلسلو شروع ڪيو ويو. ادبي ڪلاس جي لاڙن ۾ شعور، موهن جي سوچ ۾ وڏو ڦيرو آندو. 1952ع ۾ موهن. "راشٽريه سيوڪ سنگهه" جي مذهبي مت پيد جي فڪري سختي، ننڍي ذات وارن هندن جي حقن جي بچاءَ، مستقبل جي نظام، تشدد آميز ڪارروائين ۾ نفرت وارن لاڙن سان آسهمتي ڏيکاريندي تنظيم کان الڳ ٿي ويو. راشٽريه سيوڪ سنگهه جي تجربن بابت موهن هڪ هنڌ لکي ٿو ته، "منهنجي جيون جو اهو اهم دؤر هڪ غلط آدرشواد جو شڪار ٿيو. مون ڇڻ پاڻ خلاف لڙائي ڪئي. پاڻ کي زخمي ڪيم." (ڏسو بڪ، عشق ۽ ادب).

راشٽريه سيوڪ سنگهه ۽ موهن وچ ۾ ذهني وٿي موهن جي اڃياس ۽ جستجو ۾ واڌارو آندو. موپاسان، اوهينري ۽ چيخوف ڪانسواءِ فلسفو ۽ انساني تاريخ موهن جي اڃياس ۾ بحث جو موضوع بڻجي ويا. جن هن جي سوچ کي وڏي پختگي ۽ فلسفيانه ڏانءُ بخشيو. 1953ع ۾ موهن جو پهريون ناول، "آوارهه" ڇپجي پڌرو ٿيو. ناول ۾ پيار ۽ پيڙا جي گڏيل احساسن کي کولي چٽو بيان ڪيو ويو هو. ناول ۾ هڪ وئشيا جي بدن ۽ ان جي چن پٽ کي پڌرو ڪري پيار جو ڏڪجي ويل ۽ اٽپورو انت ڏيکاريو ويو. جنهن ڪري ناول تي اگهاڙپ ۽ جنسي بدفضيلتي جا الزام به لڳايا ويا.

ادبي ڪلاسن ۾ ناول جي اهڙي پلاٽ ۽ بيان تي سخت تنقيد ۽ بحث مباحثن موهن ۽ ترقي پسند ليکڪن وچ ۾ مستقل ٽڪراءَ جا بنياد پڌا. جنهن ڪري ادبي چڪريون مستقل تڪرار جي شڪل ۾ نروار ٿيڻ لڳيون. انقلاب ۽ رد انقلاب، منطق ۽ غير منطق جهڙا محاوار ليکڪ ۽ لکڻين جي پرک جو بنياد بڻجي ويا. موهن پنهنجي شخصي آزادي ۽خيالن جي اوک ڊوک کي ڪنهن پارٽي پڌرنامي يا اُبهرن نعرن جي اثر هيٺ رکڻ جو مخالف هوندي، ادبي ڪلاسن ۾ اختلاف جي بنيادي جمهوري حق جي سخت حمايت ڪرڻ لڳو. جنهن ڪري

ڇڙواڪي بجاءِ سخت ۾ مقرر اصولن جي پوئواري وارا سوال موهن ۾ ترقي پسند ليڪڪن وچ ۾ مستقل وٿي جو ڪارڻ بڻجڻ لڳا. سنت پوءِ 1954ع ۾ موهن ڪلپنا جو ٻيو ناول، ”لگن“ ڇپجي پڌرو ٿيو. موهن پنهنجي پهرين پيار ۾ ڪيل شعوري تجربن کي ناول جو موضوع بڻايو هو جنهن جو مشاهداتي پسمنظر پناهگير زندگي جي درد مندي ۽ تلخي هئي. ناول ادبي حلقن ۾ وڏي قبوليت ماڻي جنهن ڪري ڪل هند ليکڪ ڪانفرنس ۾ انهي ناول جي بنياد تي موهن ڪلپنا کي وڏي مڃتا ڏني ويئي.

هڪ طرف موهن سنڌي ادب ۾ پاڻ مڃائيندي فن جي جوڀن تي رسڻ لڳو ته ٻئي طرف وري بيروزگاري، بک ۽ گهرو حالتن جو مسلسل دٻاءَ ورهاڱي کان وٺي جيئڻ جو تيئن جاري رهيو. ڪٺ، ٻتي، پاٽي ۽ پکي بنان ڳوٺيون ٻڌل گهر موهن ۽ سندس خاندان جي پناهه گاهه هو. ڪچن چٽن ۽ مرچ يا وري لنگهڻ تي ويلا ٽاريندڙ هڪ ڪنگال پناهگير ليکڪ، بس هاٽي رڳو مرڪ ۽ نراشا جي آڌار تي حسرت ۽ ارمانن وارن انهن ڏهاڙن ۾ هڪ ويلي ماني کي به جڻ عياشي سمجهڻ لڳو هو. اندر ۾ لڙڪن جا سمنڊ جهلي سدائين بس ڦڪي مرڪ پيو مرڪندو هو. موهن عشق جي حوالي سان به خاصي ڳنڀير حالتن مان گذريو. هن جا وچايل عشق ۽ اڻپورا پيار هن جي جيون ۾ نراسائي ۽ محرومين جا ڪيئي خال پيدا ڪرڻ جو سبب بڻيا. موهن بک، عشق ۽ ادب جي اهڙن سيني احساسن کي پنهنجي ڪهاڻي، ”آخري حسرت“ ۾ ڏاڍي پيڙا ۽ ڪرب سان چٽيو آهي. جيتوڻيڪ مسلسل بک ۽ نااميدي موهن جي زندگي کي پٺي لتاڙيو پر تڏهن به هن جي شعوري سرگرمي ۽ جدوجهد کن پل لاءِ به ماني تي نه سگهي. سنڌي پناهگيرن لاءِ اڏجندڙ شهر تي نالي رکڻ وارن هنگامن ۾ پاڻ اڳواٽي ڪندي اڳيرو رهيو ۽ پوليس جي لٺ بازي جو شڪار تي مٿو ڦاڙائي مسلسل بخار جي ور چڙهي ويو. چاڪ ٿي ڪجهه عرصو هڪ هوٽل

تي بيري گيري جي نوڪري بہ ڪيائين، تنهن کان پوءِ هڪ ڪيميڪل جي ڪارخاني ۾ سخت پورهئي جو ڪم ڪرڻ لڳو. پنهنجن اهڙن پورهتي تجربن جي آڌار تي هن بہ ڪهاڻيون، "قيرو" ۽ "صبح جو نہ ٿيو" جي سري هيٺ ڪهاڻيون بہ لکيون آهن جن ۾ مشيني جُڳ ۾ پورهيتي جبر جي مسئلن کي واڪو ڪيو اٿس. سندس ہي ڪهاڻي "پيار ۽ پاپ" بہ اهڙي ئي موضوع تي اڳيري ٿئي ٿي. جنهن جو هر لفظ ڪنهن جيئري جذبي جيان آڏو اچي ٿو. موهن جي هي ڪهاڻي انساني جذبن ۽ اخلاقي قدرن وچ ۾ ڇڪتاڻ جو مثالي نمونو آهي، جيڪا چرپر ڪندڙ احساس جيان ڪُپي وجي ٿي.

آگسٽ 1955ع ۾ موهن ڪلپنا سنڌي نوجوانن جي هڪ ٽولي وٽي، "گوا" ۾ پورچوگيزن خلاف هندستاني جٿن جي ويڙهہ ۾ شامل ٿيو. گوا واري ويڙهہ جي تجربن، سنڌين جي نفسياتي بي باڪي ۽ هندستاني اڳواڻن جي چالاڪين ۽ ٻين ڪيترن ئي مسئلن کي هن پنهنجي مشاهدي ۾ آندو. پنهنجي اهڙي احساساتي مشاهدي کي هن، "اجان رات باقي آ" جي سري هيٺ سهيڙي ڪتابي شڪل ۾ پڌرو ڪيو. جيتوڻيڪ ڪتاب هند ۽ سنڌ ۾ قبوليت جي پد تي پهچي تمام گهڻو ڪاڻو پر موهن جي بيروزگاري، اڪيلائپ، مايوسي ۽ گهر جي حالتن ۾ ڪو ڦيرو ڪو نہ آيو. ليڪن جا سوڪڙي تي اينڊڙ اعزازي ڪتاب وڪڻي هوءَ پنهنجو گذر سفر ڪندو رهيو. 1956ع ۾ هن جو ٽيون ناول، "عورت" پڌرو ٿيو. جيتوڻيڪ هند جي ادبي حلقن ۾ ناول جي فني ڪٿ يا تنقيدي اڀياس بجاءِ موهن جي غريبي هلت ۽ پهراڻ تي ٽٽوليون ٿيون ۽ شخصي حملا ڪيا ويا، پر موهن پنهنجي آدرشواد جي پيٽ ۾ عمل سان نياءُ ڪندي مسلسل لکندو رهيو. جنهن ڪري هن جا هڪ ٻئي پٺيان چار ناول، "زندگي" (1957)، "پٿر جو جگر، ميڻ جي دل (1958)، "سرڳ جي ڳولا (1958) ۽ "وشواس" (1959) ڇپجي پڌرا ٿيا. سرڪ جي ڳولا موهن جو ٻارن لاءِ لکيل

اڪيلو ناول آهي، جڏهن تہ وشواس جو پلاٽ مادِيت ۽ روحانيت جي ٽڪراءُ واري پسمنظر ۾ انساني ڪيفيت جي دائمي موضوع جو گهيرو ڪري ٿو. هر انسان کي پنهنجا الڳ الڳ ملهہ آهن پر جيون جا نہ فقط جدا جدا رُخ پر تقاضائون بہ آهن. اهڙي طرح ناول وشواس جا ڪردار هڪٻئي سان سچو پيار رکندي بہ زندگي جي مختلف روين ڏانهن مائل آهن. جنهن ڪري ٽڪراءُ، جدائي، وڇوڙو ۽ روحاني يوڳنائن تي ناول جو انت ٿئي ٿو. سٺ واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ سنڌي ليکڪن سميت هند ۾ رهندڙ سنڌي "ديوناگري" لپي واري سوال تي ٻن فرقن ۾ ورهائجي اجان وڏيڪ هڪ ٻئي ورهاڱي جو شڪار ٿيا. تهذيبي سڃاڻپ ۽ ٻوليءَ جي بچاءُ وارا سوال پوري هند جي اديبن ۾ ڇتي بحث جو موضوع بڻجي ويا. موهن ڪلپنا پاڻ اربيندڙ مجاهد جيان قلمي، زباني توڙي جسماني وبڙهہ وڙهڻ ۾ هڙني اديبن کان اڳيرو رهيو. ڀوپال، ڄئپور، لکنؤ جي ادبي ڪانفرنسن ۾ ديوناگري لپي جي حمايتي اديبن جو گهيراءُ ڪيائين نتيجي طور هر ڪانفرنس موهن ڪلپنا جي شخصي مارڪٽ کان پوءِ ئي ختم پئي ٿي. 1963ع ۾ ديوناگري لپي جي حمايتي سيني ليکڪن جي سرڪاري پنيرائيءَ ۽ جاتيءَ سان ويساهہ گهاتين جا وکا پڌرا ڪرڻ لاءِ، "سنڌي اديبن ۾ نظرياتي ڪشمڪش" ڪتاب لکي پڌرو ڪيائين. ڪتاب ۾ عربي لپي لاءِ وزن دار دليل ۽ اٽل موقف اختيار ڪري مخالف اديبن کي تاريخ جي ڪٽهڙي ۾ جوابدار بڻائي اچي بيهاريائين. سٺ واري ڏهاڪي جي پڇاڙي ۾ سنڌي ٻولي جي تحريڪ کي زور وٺرائڻ لاءِ موهن، ارجن سڪايل ۽ اُتم سان گڏجي روزاني "سنڌو سماچار" جو بنياد وڌو جنهن سنڌي تحريڪ کي وڏي هٿي ڏني. جيتوڻيڪ "سنڌو سماچار" سيڪيولر، ٻولي جي بچاءُ ۽ سماجوادي ويچار ڌارائن جي بنياد تي هند ۾ سنڌيت کي قائم رکڻ لاءِ متا جوڙيا پر ٿوري ئي عرصي ۾ مختلف نظرياتي ويڇن جي ور چڙهي

اخبار بند ٿي ويئي جنهن ڪري سنڌي تحريڪ کي انهيءَ جي شروعات ۾ ئي ڪاپاري ڌڪ لڳو. ان وچ ۾ موهن ڪلپنا لاڳيتو ٿي نوڪريون وٺي ڇڏي ڏنيون. سياءُ سان نہ ٺهڪندڙ مصنوعي حالتون يا ضمير جي ڇُهنبڙي هن جي نوڪري ڇڏڻ جو ڪارڻ بڻجندا رهيا. سماجي حالتن جي مسلسل دٻاءُ ۽ گهرو پريشانين هن جي حالت خراب ڪري ڇڏي. بيماري واري حالت دوران هن کي پنهنجا ڪتاب ديوناگري لپي ۾ آڻڻ جي اجازت ڏيڻ لاءِ ڳري رقم جي آڇ ڏني ويئي، جيڪا هن گهرج ۽ تنگ دستي هوندي بہ سنڌي ٻولي سان آدرشي لڳاءُ ۽ عقيدي جي بنياد تي ٺڏي ڇڏي. ست واري ڏهاڪي جي ٺي، پڇاڙي ۾ هن جا بہ وڏيڪ ناول، ”رُڃ ۽ پاڇا“ (1966) ۽ ”پيار جي پڇاڙي“ (1979) ڇپجي پڌرا ٿيا. ستر واري ڏهاڪي ۾ موهن جا بہ ٻيا شاهڪار ناول، ”جلاوطني“ (1974) ۽ ”تون منهنجي سندرتا جو آرنپ آهين“ (1975) ڇپجي پڌرا ٿيا. اَسي واري ڏهاڪي ۾ هن جو هڪ ٻيو ناول، ”ڪانءُ ۽ سمنڊ“ بہ ڇپجي پڌرو ٿيو. پوين ٻن ناولن، ”جلاوطني“ ۽ ”ڪانءُ ۽ سمنڊ“ جا موضوع وقت ۽ مڪان جون حدون ٽوڙي نہ رڳو انساني رشتن ۽ ناتن کي جوڙين ٿا پر هڙني انساني قدرن سان نياءُ پڻ ڪن ٿا. سچي ۽ سڌي اظهار نج آزمودي ۽ تخليقي ڏانءُ جي بنياد تي نہ رڳو ٿهليل پر اهڙا فني ناول آهن، جيڪي احساسن ۽ پيڙائن جي اٽڪٿ رڻ ۾ گهلي وڃن ٿا. ”جلاوطني“ سنڌين جي تمدني سڃاڻپ، جداگانہ هستي ۽ الڳ سڃاڻپ وارو سوال بحث هيٺ آڻيندي مکيا ڪردار جي سماجي سلامتي واري احساس جي گُهر ٿي ختم ٿي وڃي ٿو. ”ڪانءُ ۽ سمنڊ“ هندستان جي سياسي ۽ سماجي سرشتي واري تضادن جي روشني ۾ ورهاڱي جي بنياد متعلق اٿندڙ سوالن کي بيان ڪندي جلاوطني جي روڳ ۾ ورتل سنڌين جي اندرين خاتمي ۽ ڏاريائپ جي احساس تي ختم ٿي وڃي ٿو. موهن جي ڇپيل چئن ڪهاڻين جي ڳٽڪن ”موهي نر موهي“ ”چانڊني ۽

زهر"، "فرشتن جي دنيا" ۽ "اها شام" ۾ آيل ڪهاڻين جي اپياس مان پڌرو ٿو ٿئي تہ موهن ڪلپنا ٿلهي ليکي ڪهاڻين ۾ روايتي موضوعن ۽ گهاڙيٽن تي ڪنهن اصلاحي ڪاريگر يا نعرا وڪڻندڙ فنڪار جيان ڪو نہ ٿو پاڙي. هوءَ نہ رڳو اڌڙيل سماجي زندگي جا اهڙا ڪردار تخليق ڪري ٿو جيڪي ڪنهن خارجي دلاسي يا آئيندي جي ويساهہ جو سهارو وٺن ٿا پر پنهنجي تخليقي سوچ ۽ ويچار ڌارا واري ڏانءَ وسيلي ڪردار جي زندگي جي ڪيترن ئي رُخن ۾ موضوع توڙي ڪيفيت جي آڌار تي ٽڪراءَ پڻ اپاري ٿو. اهڙا ٽڪراءُ ڪڏهن هڪٻئي کي رد ڏيندڙ يا ڪڏهن هڪٻئي ۾ پيهي ويندڙ هجن ٿا.

موهن پنهنجي زندگي جو گهڻو حصو توڙي فاقہ ڪشي، دربدري ۽ پيڙا جي ور چڙهي گذاريو پر هوءَ پنهنجي شخصي يوڳتائن ۽ معاشرتي محرومين کان ڇوٽڪاري واري گس جي ڏس ۾ آپگهات جي چوندڪي کي ڪانئر تا سمجهندو رهيو. اهو ئي سبب آهي جو موهن ڪڏهن پنهنجي گم ٿيل شخص جي ڳولا، باقي بچيل شخص کي مارڻ ۽ نہ ڪئي آهي. موهن سماجي اڻ برابري ۽ بي وس حالتن خلاف مستقل مزاحمت جو اهڃاڻ هوندي هڪ سچي ڪلاڪار جيان پنهنجي اڻ پوري خواهش، ڏڪيل ارمانن ۽ ٽڪل خوابن سان واڳيل هوندي، ادب ۽ زندگي جي هڪ انت کان ٻئي انت تائين دائميت جي جدوجهد ڪندو رهيو.

چندر ڪيسواڻي

# هڪ

دنيا ۾ جن بہ ماڻهن پيار ڪيو آهي، چاهي شاعر هجن يا فيلسوف تن سڀني جا جيڪڏهن شروعاتي پريم پتر ڪنا ڪري پڙهيا وڃن تہ انهن مان هڪ ئي حقيقت چمڪندي نظر ايندي، پريمين جي شروعاتي پيار جي جذبن ۽ خيالن جي هڪجهڙائي، هر ڪنهن جي بياني طرز پنهنجي هوندي هر ڪنهن جي ٻوليءَ جو سينگار ۽ ڦهلاءُ بہ نرالو هوندو پر رت سڀني جي ساڳي هوندي:

.....تون نہ آهين تہ ننڊ ڪانهي.

....تو بنا مان ائين آهيان جيئن چنڊ بنا رات.

....مان توکان سواءِ جي نہ ٿو سگهان....وغيره. پيار جو جذبو ذرتيءَ جي هڪ چيزي کان ٻئي چيزي تائين ساڳيو آهي.

سندرتا: سندرتا جو تصور هر ديس ۾ نرالو آهي. (مان اندرين

سندرتا جي ڳالهہ ڪو نہ ٿو ڪريان: ان جو واسطو تہ سيرت سان ٿيندو آهي) ڪٿي سنها چپ پسند پون, ڪٿي ٿلها ڪٿي ڪاريون اکيون وڻن, ڪٿي نيريون, ڪٿي ڊگها وار سهڻا لڳن, ڪٿي ڪٽيل, جيڪڏهن سڄي دنيا ۾, هر ملڪ ۾ سندرتا جو تصور ساڳيو هجي ۽ ان ۾ رنگ جو ڀيد نہ اچي تہ پوءِ دنيا ۾ جن پرشن پريم ڪيو آهي ۽ پريم ڪرڻ کان اڳي هنن پنهنجي پريتما جي صورت جي جيڪا ڪلپنا ڪئي آهي ۽ شيام جي ذهن ۾ بہ پنهنجي پريتما جي صورت جيڪا ڪلپنا هئي, تنهن کان اها نرالي ڪا نہ هجي ها.

....مرگهہ نيڻ انتظار سان ڀريل وار ڪلهن تي لٽڪندڙ جن جي هڪ گهنڊيدار چڳ ٻين زلفن کان الڳ ٿي پيشانيءَ تي لڳل لال تلڪ اڳيان ائين بيٺي آهي جڻ ان جي رکوالي ڪري رهي آهي: ڪاٻي ڳل وارو تر بہ گويا لبن جو رقيب بڻيو بيٺو آهي چپن جون ڪنڊون ڪجهہ اڻ چٽيون آهن, پر انهن آڏرن ۾ جيڪا هلڪي چرپر ٿي ٿئي ان سان شيام جي دل جو گهاتو سٻنڌ آهي, جيئن جيئن چپن ۾ اها چرپر ٿي اچي, تيئن شيام جي دل ۾ بہ طوفان ٿا اٿن ۽ اصل ۾ اها چپن جي چرپر ئي ڳل واري تر کي مات ٿي ڪري.

شيام ڏهہ پريم پتر لکيا....

ڪنهن کي؟

هر آرتوار تي هو سڄي شهر ۾ ڀٽڪندو هو ۽ هن اهي ڏهہ چهرا ڳولي ڪڍيا هئا جي سندس تصور واري پريتما جي شڪل ۽ صورت سان ملي ٿي آيا. شيام انهن ڏهن ئي ڄڻين جا سرناما هٿ ڪري, انهن کي اهي ڏهہ پريم پتر موڪليا.

انهن ڏهن خطن مان پهريون اصل هو ۽ باقي ٻيا نو ان, پهرين اصل جا هوبهو نقل هئا, هر ڪنهن خط جي هر ڪا سٽ, هر ڪو جملو هر ڪو لفظ بنهہ ساڳيو هو....

پريتما,

ٿورا ڏينهن اڳي مون توکي رستي تي ڏٺو اڳي توکي صرف سپنن ۾ ڏسندو هوس، هينئر توکي ساکيات ڏٺم. سپنا تہ توکي بہ ايندا هوندا، پر انهن سپنن جو مرڪز مان ئي هوندس. اهو مان ڪيئن چوان، مرڪز انيڪ ٿي سگهن ٿا. ضروري نہ آهي تہ مرڪز هرويرو هڪڙو ئي ٿئي، سپني جي اهميت کي ڪير چاهي قبول ڪري يا نہ، ليڪن ان جي اثر کان ڪير بہ انڪاري ٿي نٿو سگهي، دنيا ۾ گرمي سردي ماپڻ لاءِ تہ گهڻئي اوزار ايجاد ڪيا ويا آهن، پر ڪنهن انسان جي دل اندر ڪيترو دک يا خوشي آهي، ان جي ماپ ڪرڻ وارو اوزار اڃا ايجاد ڪو نہ ٿيو آهي، هڪ شخص ڪيترو شريف آهي ڪيترو سپيہ ۾ چريتروان آهي. وگيانين جنهن ڏينهن اهو سڀ ماپڻ وارو اوزار تيار ڪيو تنهن ڏينهن کان دنيا مان گناهہ جي پاڙ پٽجي ويندي.

مثال: رستي تي هڪڙو ڇوڪرو ڪنهن ڇوڪريءَ کي ڇيڙي ٿو ۽ هوءَ مدد لاءِ پڪاري ٿي، هنجي آواز تي ماڻهو اچي مڙندا ۽ ڇيڙڇاڙ ڪندڙ کي پڪڙي پوليس ٿاڻي تي، يا اسپتال ۾ وٺي ويندا. جتي اوزار رکيل هوندا. اتي اهو اوزار منٿن ۾ بڌائي ڇڏيندو تہ ڇيڙڇاڙ ڪندڙ نوجوان جي شرافت تي ڪيترو سيڪڙو ڪٽ چڙهي ويئي آهي ۽ ان جي پاونا ۾ ڪيترو سيڪڙو واسنا پريل آهي.

ٻيو مثال: هڪ هنڌ بم ڦاٽي، اٺ ڏهہ ماڻهو شڪ ۾ گرفتار ڪري مقرر جڳهہ تي آندا ٿا وڃن. پهرين هنن جا بيان ورتا ويندا. ان بعد ا. ن اوزارن سان انهن جي بيان جي سچائيءَ جي پرک ڪئي ويندي، وگيان اڳيان مٿيا کي ناس ٿيندو ڏسي گنهگارن لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ ناممڪن بڻجي ويندو. جنهن بم اڇلايو هوندو، اهو خود قبولدار ٿيندو ۽ پرن ڪندو تہ اڳتي من وچن توڙي ڪرم سان سچو رهندس ۽ نيڪيءَ کي اپنائيندس. جنهن وقت هو ائين چوندو تنهن وقت هن جي دل جي پاونا جو اپياس ڪيو ويندو. هن جي اکين جي چمڪ ۽ دل جي ڌڪ ڌڪ مان هن جي اندر جي سچائيءَ جي ماپ

ڪئي ويندي ۽ ھو جيڪڏھن ان ۾ پاس ٿيو تہ ھن کي آزاد ڪيو ويندو. جنھن ڏينھن کان اھو سڀ ممڪن ٿيو ان ڏينھن کان دنيا ۾ جنگيون جھيڙا بند ٿي ويندا، عوام جنھن کي ھينئر فوٽ بال جيان ٺوڪرون ھڻي ھيڏانھن ھوڏانھن اڇلايو پيو وڃي، سو اھي وگيانڪ اوزار ڪٽي جنگ خورن جي ٽپاس ڪندو ۽ ڏوھارين کي فوٽ بال جيان ٺوڪر ھڻي پري ڦٽو ڪري ڇڏيندو. چوندن جي وقت بہ سڀ اميدوار قطار ناھي بيھندا، ھر ڪو ووٽر اھو اوزار ڪٽي اميدوار جي سچائي ۽ نيڪيءَ جي ماپ ڪندو ۽ ان بعد ئي پنھنجو ووٽ استعمال ڪندو.

پريتما، سچي پريم ڪندڙن جي ملھ جي خبر بہ تڏھن ئي پوندي جڏھن اھي اوزار ايجاد ٿيندا. پوءِ ھن وقت جيڪو پيار جو ناٽڪ ڪيو پيو وڃي، اھو بلڪل بي اثر بڻجي ويندو. نقل ڪروپ پلي نہ ھجي، پر پوءِ بہ ان کي اتي سندر چئي نٿو سگھجي. اڄ مون وٽ جيڪڏھن اھڙو اوزار ھجي ھا تہ مان توکي ڏيکاري سگھان ھا تہ مون ۾ ڪيتري شرافت آھي. تولاءِ ڪيتري لگن آھي، پر اڄ اھو اوزار ميسر نہ آھي. ان ڪري منھنجي ايتري ئي طلب آھي تہ تون منھنجي جذبي کي ڏس ۽ ان کي پرکڻ جي ڪوشش ڪر، ان جذبي جو قدر ڪر ۽ منھنجي بي رس جيون ۾ تورو رس پر....

شيام دل ۾ فيصلو ڪيو ھو تہ جنھن وٽان بہ اول جواب ايندو مان ان کي ئي اپنائيندس.

شيام رنگ جو سانورو ۽ قد جو ڊگھو ھو. ڪپڙي لٽي سان ھن جي خاص دلچسپي رھندي ھئي، سنڻ ڪپڙن ڪانسواءِ ھن وٽ ھڪ سٺي واچ، ھڪ سٺي پين، ھڪ سنو چشمو ۽ سٺي ڪئمرا بہ ھئي، لال ھيري واري سوني منڊي ۽ چئن رنگن جي روشني اڇلائيندڙ ھڪ ٽارچ پڻ ھيس. انھن سيني چيزن بابت ھنجي ڊائريءَ ۾ ھينئن لکيل ھو:

مون واچ ان لاءِ نہ ورتي آهي تہ مان وقت تي پورو رهان. وقت تي پوري رهڻ لاءِ منهنجون ڪي خاص مشغوليون ڪونهن. نوڪريءَ تي وڃڻ جو وقت مقرر اٿم, ان ڪري نند مان اٿڻ جو وقت بہ ازخود مقرر ٿي ويو آهي. نند مان اٿڻ ۽ آفيس وڃڻ جي وچ ۾ جيڪو عرصو رهندو آهي, اهو روزاني انيوءَ بڌائي چڏيو آهي تہ اٽڪل بہ ڪلاڪ آهي, اهو عرصو بہ ڪن مقرر حصن ۾ ورهايل آهي, ڪٿي بہ منٽ اڳي ڪم پورو ٿئي, ڪٿي بہ منٽ پوءِ, وقت جي اندازي لڳائڻ جي لياقت جيئن بين ماڻهن ۾ آهي تيئن مون ۾ پڻ آهي, زندگي جڏهن مڪينيڪل بڻجي ٿي وڃي تڏهن واچ جي ايتري ضرورت نٿي رهي, جيتري ڏيان ۾ رکي واچون ٺاهيون ٿيون وڃن. سينگار جي چاهنا جيئن بين شين ۾, تيئن مون ۾ پڻ آهي, پر ان لاءِ بہ هرويرو ڪنهن سني واچ جي ضرورت نہ آهي, مون وٽ هڪ سني واچ آهي ۽ مون کي ان مان سچي خوشي تڏهن ٿي حاصل ٿيندي آهي, جڏهن ڪو واٽهڙو منهنجو رستو روڪي پڇندو آهي, معاف ڪجو وقت گهڻو ٿيو آهي؟ اهو سوال منهنجي دل کي بيحد وڻندو آهي, انهيءَ ڪري ئي مان پنهنجي قميص جا ڪف ڪڏهن بہ هيٺ نہ ڪندو آهيان, اج ڪلهہ تہ مون بش شرٽ پائڻ شروع ڪئي آهي جنهن ۾ ڪف ٿين ئي ڪو نہ.

شارڪ اسڪن جي بش شرٽ ۽ گئبرڊين جي پتلون....نہ, اهي ڪپڙا مان سينگار لاءِ ڪو نہ پائيندو آهيان, مرد ٺاهوڪو لڳي ان لاءِ سوٽي ڪپڙو ئي ڪافي آهي, مان شارڪ اسڪن جي اها بش شرٽ ۽ گئبرڊين جي پتلون پائيندو آهيان, صرف ان لاءِ جيئن ڪنهن پري محفل ۾ منهنجو ڪو دوست مون کان پڇي سگهي: شيام, هي ڪپڙو ڪٿان ورتو اٿيئي؟ گهڻي وال آهي؟ ۽ سچ پچ تہ مون کان ڪيترا دفعا اهي سوال پڇيا بہ ويا آهن.

ٺارچ....منهنجيون اکيون تہ اوندهہ ۾ بہ ڏسي سگهنديون آهن پر

مان ڪنهن پليل پنڪيل راهيءَ کي راهہ ڏيکارڻ ۾ بيحد آنند پائيندو آهيان. ننڍا ٻار هوندا آهن يا نوجوان استري پرش جو جوڙو هوندو آهي تہ روشنيءَ جا رنگ بہ ڦيرائيندو آهيان. ٻار بيحد خوش ٿيندا آهن ۽ استري پرش جو نوجوان جوڙو جڏهن "توهان جي مهرباني!" جا بہ لفظ چوندو آهي تڏهن مان پاڻ کي سچي دنيا ۾ سيني کان وڌيڪ خوش نصيب انسان سمجهندو آهيان. پر آتما جي آنند لاءِ تن کي تسيا ڏيڻ ۾ منهنجو وشواس ڪونهي. ان ڪري مان هرويرو بہ اونداهن تواڻن يا چوسولن تي ڪو نہ وڃي بيهندو آهيان. ماني کائڻ بعد روز گهمڻ نڪرندو آهيان. رستن تي ان وقت بتي ڪا نہ هوندي آهي. ان ڪري ڪنهن نہ ڪنهن جي مفت شيوا ڪرڻ جو موقعو ملي ئي ويندو اٿم.

چشمو... چشمو اس جو آهي پر مان بڙ هوندي بہ پائيندو آهيان. آفيس ۾ نہ. فقط رستي تي. مان چاهيان ٿو تہ منهنجي اکين ۾ ڪير جيڪڏهن سڌو نهاري تہ فقط منهنجي هوٺهار پريتما. منهنجي هوٺهار پنٽي ئي ڏسي.

ڪئميرا.... ڪلهي تان پنو لٽڪائي ڪئميرا کٽي گهمڻ جو شوق مونکي ڪونهي. صرف چاهيندو آهيان تہ ڪير مونکي التجا ڪري چوي تہ شيام, منهنجو فوٽو تہ ڪڍ!

پر افسوس! اڄ تائين ڪنهن بہ مونکي اهڙي التجا نہ ڪئي آهي.

پين... نوڪريءَ لاءِ ملاقات ڏيڻ وقت آفيسر سوال پڇيو هو: پين بابت ڪجهہ ٻڌائي سگهندين؟

چيومانس: پين جو اثر ائٽمي بم کان بہ وڌيڪ آهي. انهيءَ هڪ جواب تي ئي مونکي نوڪري ملي ويئي تڏهن ان جي اهميت ۽ ان جو ملهہ جاڻي مون هڪدم وڃي هڪ پين خريد ڪئي هئي. واٽ ويندي جڏهن ڪير مونکي روڪي چوندو آهي: هڪ منٽ لاءِ پنهنجي پين

تہ ڏيو؟ لفافي تي ائڊريس پاڻٺي اٿم... تڏهن مونکي جيڪا خوشي ٿيندي آهي ان جو ورنن صرف ڪو ڪوي ڪنهن اپما ڏيڻ سان ئي ڪري سگهندو.

سوني منڊي.... جڏهن اها منهنجي جيون ۾ ايندي، جنهن کي مون پاڻ سان "هڪ" محسوس ڪيو تڏهن هن کي پهرين پيٺ اها منڊي ئي ڏيندس.

شيام سوچيو هو: ڏهن پريم پترن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ جو جواب ضرور ايندو. هن جو وشواس هو تہ حقيقت ڪلپنا کان وڌيڪ اديت ٿيندي آهي، حقيقت افساني کان وڌيڪ وچتر ٿيندي آهي. ڪيس جيڪو جواب ايندو ان ۾ ڪيتري پاوڪتا پريل هوندي، ان جو هن وقت نہ هو اندازو لڳائي تي سگهيو ۽ نہ هن اهو لڳائڻ چاهيو ٿي. هن ڪيترائي رومانوي اپنياس پڙهيا هئا ۽ هن پاڻ کي بہ هڪ روماني ڪردار بنائڻ ٿي چاهيو. ان ڪري هو هميشہ زمين کان بہ هٿ مٿي هلڻ جو عادي بڻجي ويو هو.

رهندو ياءِ سگهن وٽ هو. هن جي هڪ پڙهيل ڳڙهيل پاپي بہ هئي. ساوتري پاپي!

گهرو زندگي رواجي طرح سک واري هيس.

ڏهن پريم پترن مان هن کي هڪ جو بہ جواب ڪو نہ آيو پر ان ڪري هو ڪو مجنو ڪو نہ بڻيو. البت دل کي چوٽ رسيس ۽ ان چوٽ کيس روماني شاعري ڪرڻ ڏانهن ڏڪيو. شاعرن سان لهہ وچڙ ۾ هو ائين ئي آيو جهڙو سنگ تهڙو رنگ. شيام پاڻ بہ شاعر بڻجي ويو.

شيام تي شاعريءَ جو ايترو تہ رنگ چڙهي ويو جو هو نثر ۾ بہ شاعري ڪرڻ لڳو. زندگيءَ ۾ استريءَ جي کوٽ هن کي ڪيترو پريشان ٿي ڪيو اهو سڀ ڪجهہ هو نثر واري شاعريءَ ۾ ڊائريءَ ۾ لکي ڇڏيندو هو.

هڪ ڏينهن دوستن سان گڏ آفيس مان پئي موٽيو. اڳيان ڪي نوجوان ڇوڪريون پئي ويون. پٺيان نوجوانن جو هڪ ٽولو هو. هوا جون لهرون ڇوڪرين وٽان لنگهنديون ڏانهن پئي آيون. شيام هڪ مضمون نگار دوست کي چيو: هوا جو رخ جڏهن بہ ڪنهن عورت کان مون طرف هوندو آهي تہ مون کي هوا مان بيحد خوشبوءِ ايندي آهي.

مضمون نگار چيس: "تنهنجو مطلب اهو ئي آهي نہ، تہ هر ڪا استري عطر لڳائيندي آهي؟"

"ڪا عطر لڳائيندي هوندي" شيام مرڪندي چيو:

"يا ڪنهن جو پسينو ئي عطر هوندو!"

❊

# ٻه

سڀڻن آفيس وڃي چڪو هو. شيام سستيءَ سبب آفيس نـه وڃـي، آرام ڪرسيءَ تي ليٽي گوبند مالهيءَ جي ناول ”عشق ناهي رانـد“ جـو مهاڳ پڙهي رهيو هو. ساوتري ٻئي ڪمري ۾ ويـٺـي، ايـنـدڙ ٻـهـريـن ٻالڪ لاءِ جوراب مڙهي رهي هئي.

ٽپالي آواز ڏيئي هڪ لفافو اڇلي هليو ويو. شيـام لـفـافـو کـڻـي ائڊريس پڙهي. خط سندس ٻاپيءَ ڏانهن لکيل هو. ساوتريءَ کي سڏ ڏئي ڪيو جو يڪايڪ کيس اهو خط اول پاڻ پڙهڻ جو ويچار آيو. لفـافـي جي هيٺان پاسي کان لکيل هو: چندرا وٽان.

شيام وري آرام ڪرسيءَ تي ليٽي جيئن لفافو کوليو تيئن هـڪ ننڍڙو فوٽو اچي سندس ڇاتيءَ تي ڪريو. فوٽو ڏسندي ئي شيام کـان آهـ نـڪـري وئـي بـلـڪـل ساڳي! منـهـنـجـي ڪـلـپـنـائـن جـي

تصوير.....ڪاربون اڪيون ڏٺا ڪيس، ڪا بہ ڳالهہ تي اڪ پرسان ڪارو ترِ اکين ۾ خمار...جڏهن شراب پي فوٽو ڪڍايو هئائين، اها ٿي چِت چور چڱ، وار ڪلهن تي پريشان....

خط ۾ اجمير جي ڪاليجي فضا جو احوال ڏنل هو.

بي-اي بعد شادي ڪرڻ جو ويچار هئس. هاڻ سينئر بي-اي ۾ پڙهي رهي هئي. سنڌ، حيدرآباد ۾ ساوتريءَ سان گڏ پڙهي هئي ۽ هاڻ ساوتري ۽ سڀني جي خون مان پيدا ٿيندڙ پهرئين انسان متعلق ساوتريءَ جي Pre_view چارٽ جي اچا ڏيکاري هئائين.

شيام سوچيو: هن کي پاڻ گهرجي، ليڪن پائجي ڪيئن؟ ڪجهہ گهڙيون هو سوچيندو رهيو ۽ پوءِ ناول ڪرسيءَ تي رکي، چپٽي وجائي ميز ڏانهن وڌيو.

”شيام!“ ”عشق ناهي راند“ ناول سڏ ڪيس.

”ڇو؟“ شيام پويان مڙي پڇيس.

”عشق راند نہ آهي.“

”اهو تنهنجي نالي مان ئي ظاهر آهي.“

”۽ تون راند ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو آهين؟“

”پوءِ؟“

”پريم ائين نہ ٿيندو آهي، جيئن تون ڪري رهيو آهين. حقيقت افساني کان وڌيڪ وچتر ٿيندي آهي. ٿيندي آهي نہ؟“

”افسانوي خيال آهي.“

ناول چپ ٿي ويو...

ميز تي ويهي شيام لکڻ شروع ڪيو: ”پريہ چندرا، چٺي ۽ فوٽو مليا. فوٽو تہ ملڻ سان ئي کسجي ويو. تون منهنجي ڏير کي سڃاڻين نہ. هو تن وشين جو اُپاسڪ آهي، ستيہ، پريم ۽ سندرتا. تنهنجو فوٽوڏسي چيائين: هي ڏاڍو سهڻو آهي! ۽ اهو مونکان ڦري ويو. تنهنجي ان فوٽي کي پنهنجي فوٽي سان ڪنو يت تي ٽنگي ڇڏيو

اٿائين. ڪهڙي نہ بري ڳالهہ آهي! مون کي تہ پڪ ٿي وئي ته اڄ ڪلهہ
جي جوانن کي الائي ڇا ٿي ويو آهي. چندرا، هن ڳالهہ برابر بري
ڪئي آهي، پر هو پاڻ برو نہ آهي، تون ٻڌاءِ مان هاڻي ڇا ڪريان؟"

تنهنجي ساوتري

شيام خط جا اکر ڏنگا ڦڏا ڪري لکيا. جيئن ڪنهن ڇوڪريءَ
جا لکيل لڳن. خط لکي هن "عشق ناهي راند" ناول ڏانهن نهاريو. پوءِ
هلڪو ٺهڪ ڏيئي، پاسي واري ڪمري ڏانهن منهن ڪري سڏ
ڪيائين "پاپي او پاپي."

ساوتري "ها آيس" چئي، ٿوري وقت بعد هن وٽ پهتي.

شيام چيو: "پاپي تون سياڻي پيڪي وڃي رهي آهين نہ؟"

"ها"

"ڏاڍو سٺو."

"تون بہ عجيب آهين. صبوح جو تہ چيئي پئي تہ سڄو مهينو
الائي ڪيئن گذرندو. مان بہ لاچار تہ وڃي رهي آهيان. تون تہ ڄاڻين
ٿو اميءَ ڪيڏو نہ زور ڪيو آهي." ساوتريءَ جي اکين ۾ ٿورو پاڻي
ترجي آيو.

"توهان کي هوٽيل ۾ روٽي کائڻي پوندي، اهو ڄاڻندي مان ڇا
پنهنجي اچا سان ڪيڏانهن وڃي سگهان ٿي؟"

"سو مان ڄاڻان ٿو پاپي." ساوتري وڏيڪ ڪجهہ ڪو نہ چيو.

"چڱو پاپي، منهنجي لاءِ مهيم مان ڪا سٺي ڇوڪري ڳولهي اچ
نہ."

"ڇو؟ ڇوڪري ڇا لاءِ."

"پلا تون پاڻ لاءِ ڇو آهين؟"

"پر تون تہ شاعر آهين نہ!" ساوتريءَ مرڪي چيو.

"شاعرن کي تہ پاڻ من جي ميت جي وڌيڪ ضرورت رهندي
آهي."

”پر مون تہ ٻڌو آهي تہ شاعرن پنيان ڇوڪريون چريون ٿي ڦرنديون آهن“

”اهي ڪتابي ڳالهيون آهن، پاپي، انهن لکندڙن دنيا ۾ انيڪ ڪوڙ ڦهلايا آهن. ٻڌاءِ، هڪ نهار سان پيار ٿي وڃڻ جا گيت ڪنهن ڳايا آهن؟ شاعرن....پر جو شخص هڪ هنڌ هڪ نهار ۾ پاڻ وڃائي ويهي ٿو. اهو ٻيءَ نظر ۾ پاڻ کي ٻئي هنڌ وڃائي نہ ويهندو ان جي ڪهڙي خاطري آهي.“

ساوتري چپ.

”توکي خبر آهي پاپي، اڄ جي زماني ۾ ڪهڙا ماڻهو شاعر ٿيندا آهن؟“

”ڪهڙا ماڻهو ٿيندا آهن.“

”اڄ جي زماني ۾ جيڪو گهر مان رسي ويندو آهي، جنهن کي نوڪري نہ ملندي آهي، جنهن کي لوڪل گاڏيءَ ۾ سڄو وقت بيهڻو پوندو آهي، جنهن کي ڪير پريم نہ ڪندو آهي، جن ۾ روپ جي کمي يا ٻيو ڪو عيب هوندو آهي.....مطلب تہ جن وٽ صرف غم ۽ آنسن جي پونجي هوندي آهي، سي ئي شاعر ٿيندا آهن. اهڙن ماڻهن پويان ڇوڪريون ڪيئن چريون ٿينديون. پاپي! اهي تہ الٽو انهن روئندڙن کان سو گز دور رهنديون آهن. جيئن هنن جي آنسن جي ساگر ۾ غوطا کائي ٻڏي نہ وڃن.“

”پوءِ شاعرن تي رحم کائڻ گهرجي.“

”ضرور!“

”پر تون بہ تہ شاعر آهين؟“

”آهيان.“ شيام ڦڪو مرڪندي چيو:

”ليڪن هڪ ٻي بہ ڳالهہ آهي، پاپي شاعر بہ ٻن قسمن جا ٿيندا آهن جن شاعرن جو مون ذڪر ڪيو اهي تڪ بند شاعر آهن. تڪ بند شاعرن ۾ حالتون ئي شاعريءَ جو هلڪو رنگ پرينديون آهن.

انهن ماڻهن جي زندگيءَ ۾ڪيترين ڳالهين جي کوٽ رهندي آهي، جا هنن جي طبيعت ۾ شعر لکي غصو ڪڍي ڇڏڻ جي ترشنا پيدا ڪيو ڇڏي ۽ سچ پچ اهي تڪبند شاعر شعر لکي، پنهنجو غصو ڪڍي، پنهنجي طبيعت جي ترشنا پوري ڪري ڇڏيندا آهن، اهي شاعر جيڪي بہ لکندا آهن، پنهنجي ترشنا جي پورائيءَ لاءِ ئي لکندا آهن.

مثال: نوڪري آهي تہ سرڪار ئي مائي باپ، نہ آهي تہ انقلاب زنده باد! سمجهيئہ؟ " شيام کلي چيو: "ليڪن پيا، جي صحيح معنيٰ ۾ شاعر ٿيندا آهن، اهي ماڻهوءَ جي دماغ کي متر ڪا ٽڪاءُ نہ ڪندا آهن. هو سڌا دل ۾ گهڙي نس نس ۾ سمائجي ويندا آهن. هنن جي خيالن ۾ صفائي ۽ جذبن ۾ شدت هوندي آهي. ٻن سٽن ۾ آڪاس جي اوچائي يا سمندر جي گهرائي، ساري پرڪرتي جو ڦهلاءُ پريو ڇڏين. ويدنا جو ذڪر هوندو تہ زلزلن ۾ آهن جو اثر، ۽ ٻوڏن ۾ آنسن جو پرياءُ نظر ايندو. نقادن پهرين شاعرن کي Made poets ۽ پوين کي Born poets ظاهر ڪيو آهي. مان انهن پهرين شاعرن مان نہ آهيان. پاپي!"

"ڇا، بارن پوئيٽس ڪان بہ چوڪرين دور پڇنديون آهن."

"نہ"

"۽ تون تہ پاڻ کي بارن پوئٽ ٿو ظاهر ڪرين نہ؟"

"ها." شيام ٿورو ڦڪو مرڪي چيو.

"پوءِ تولاءِ چوڪريءَ جي ڳولها ڇو ڪجي؟"

"پاپي، ڳالهہ اها آهي تہ انهن تڪبند شاعرن، اصلي شاعرن جي اهڙي تہ پت وڃائي ڇڏي آهي، جو ڪنهن شاعر کي سيپيئي ماڻهو شرڌا جي نظر سان ڏسن، اهو مشڪل بڻجي پيو آهي، تون ئي ٻڌاءِ توکي ڪا اهڙي ساهيڙي آهي، جا شاعرن کي عزت جي نظر سان ڏسندي هجي؟"

"ائين تہ چڱيون ئي آهن، ليڪن چندرا تہ ڪوين جي جنسي پوڄارڻ آهي، چندرا.....جنهن جي ماسي مينوءَ ماءِ پنئين بلاڪ ۾ رهندي آهي."

شيام جون اکيون چمڪي اٿيون.

"خوب!" چئي هو ميز ڏانهن وڌيو.

ساوتري بہ ٿورو ترسي پوءِ هلي ويئي. شيام چندرا ڏانهن خط ۾ هيٺيان قلم تازو ڳنڍيندي لکيو.

"چندرا، هو شاعر بہ آهي.

❊

# ٽي

”وقت“ هڪ سندر ڪلپنا آهي: سچ ڪاپار مٿان اچي ته ٽيا ٻارهن، ٻارهن ڇو؟ ٻارهن ڇو نه؟ تنهن کان سواءِ هڪ هنڌ جا ٻارهن صرف ان هنڌ جا ئي ٻارهن آهن. سيني هنڌن جا ٻارهن نه آهن، هڪ هنڌ ڏينهن آهي ته ٻئي هنڌ رات، هڪ هنڌ ڏينهن جا ٻارهن آهن ته ٻئي هنڌ رات جا ٻارهن، نه صرف ايترو پر هڪ ئي هنڌ تي هڪ ڪلاڪ ڇا سيني ماڻهن لاءِ هڪ جيڏو ٿيندو آهي؟ جيڪي سٺي ۽ خراب وچ ۾ انتر ڏسي نٿا سگهن، اهي هيءَ ڳالهه سمجهي نه سگهندا ته ڇو هڪ ساڏا رڻ پڪچر هڪڙن ماڻهن لاءِ ٿورين گهڙين ۾ گذري ٿي وڃي ۽ ٻين ماڻهن لاءِ ڏينهن کان به وڏي ٿي پوي. گهڙيال جا ڪانٽا سيني لاءِ ساڳي رفتار سان هلن ٿا، مگر وقت جي رفتار سيني ماڻهن

لاءِ ساڳي نتي رهي. دک ۾ وقت جي چال هڪڙي آهي. سک ۾ بہ. انتظار ۾ هڪڙي، ملن ۾ ٻي، رات جو اکيون پور تہ ننڊ. وري اکيون کول تہ صبوح. ائين لڳي جڻ اک ڇنڀ ۾ رات گذري ويئي، ليڪن جيڪي ماڻهو رات جي نوڪري تا ڏين سي هزار دفعا اک ڇنڀڻ سان بہ صبوح کي آڻي نٿا سگهن. حساب ڪري واچ جي ڪانٽن تي صبوح جو پورو وقت ٻڌائي سگهجي ٿو ليڪن وقت جي چال جو حساب لڳائڻ ۽ ان جي ماپ ڪرڻ آسنيو آهي. ڪن ماڻهن کي پهريون دفعو ڏسندي بہ ائين محسوس ٿيندو آهي تہ هو اسان جو سالن کان واقف آهي، اتي سالن جي ڪهڙي ماپ آهي؟

هڪ دفعي شيام جي هڪ ڪارخانيدار سان واقفيت ٿي هئي. هن چيو هوس: هن مشين تي اٺ ڪلاڪ ڪم ڪرڻ سان ائين محسوس ڪندين جڻ تو سڄو ڏينهن ڪم ڪيو آهي.

ان تي شيام چيو هوس: ۽ سڄو ڏينهن ڪم ڪرڻ سان ائين ٿي محسوس ڪندس تہ مون سڄي زندگي ڪم ڪيو آهي.

ڪارخانيدار اهو ٻڌي چڙڪ ڀري چيو هو: مون ڳالهہ التي ڪري چئي آهي.

شيام وراڻيو هو: ”تہ پوءِ منهنجو جواب بہ التو ئي سمجهہ.“

وقت جي چال جي رهسيہ جي ڄاڻ شيام کي ان واقعي مان ئي پئي هئي. ان بعد شيام جڏهن ڏهہ پريم پتر لکيا هئا. تڏهن هن کي ان جو اصلي آڀاس ٿيو هو ۽ هاڻي چندرا کي خط لکڻ بعد هن لاءِ هڪ هڪ گهڙي جڻ هڪ مند بڻجي ويئي هئي. هن لاءِ هينئر هڪ گهڙي بهار تہ ٻي گهڙي خزان هئي، هڪ گهڙيءَ ۾ ڪنهن نامعلوم ڊپ کان ڪنبي ٿي اٿيو تہ ٻيءَ گهڙيءَ ڪنهن حسين خيال اچڻ تي بهار بهار ٿي ٿئي پيو.

پل پل ۾ بدلجندڙ اهي مندون.... ڪئلينڊر جا پورا پنج ڏينهن قائم رهيون.

پنجين ڏينهن شيام آفيس مان موٽيو تہ هن کي چندرا جو خط مليو. ساوتري ٻڌايو تہ تنهن ڏينهن ئي پيڪي هلي ويئي هئي ۽ سڄڻ اڃا آفيس مان ڪونہ موٽيو هو.

چندرا لکيو هو:

سکي ساوي!

”شاعرن کي سڀ ڪجهہ معاف آهي، تنهنجي شاعر ڏير منهنجو فوٽو کنيو ۽ ان کي پنهنجي فوٽي سان ڪنو ڪري ٽنگيو اٿس تہ چا ٿيو. منهنجي فوٽي کي پلي پنهنجي فوٽي پرسان ڪري وهاري، پر مان تہ هتي آهيان نہ....اتان کان سوين ميل دور! شاعرن کي انوکيون ڪلپنائون ڪرڻ ۾ مزو ايندو آهي، جيڪڏهن منهنجو فوٽو ڏسي ڪنهن شاعر کا ڪلپنا ڪئي ۽ ان مان کيس ڪا راحت ملي تہ مان وڏ ڀاڳڻ چئبيس. شاعري پڙهڻ سان انسان جو پنهنجي زندگيءَ سان پيار وڌي ويندو آهي. مان تہ شاعرن کي تپسوي ڪري سمجهندي آهيان. اهي شاعر ستيہ جي کوجنا لاءِ مهاڪٺن ساڌنائون کندا آهن. هنن جي انهن ساڌنائن مان دنيا کي گهڻو ئي ڪجهہ حاصل ٿو ٿئي.....ايترو حاصل ٿو ٿئي جو زندگيءَ مان بيزار ٿيل، هڪ انسان جي زندگيءَ سان وري نئين سر نينهن لڳي ٿو وڃي.

مون کي هڪ فرينچ ليکڪا جي ڳالهہ ياد ٿي اچي، ٻي مهاڀاري جنگ وقت هٽلر جون فوجون فرانس تي قبضو ڪنديون اڳتي وڌي رهيون هيون. چوطرف جنگ جو ڌهڪاءُ ڦهليل هو. هر ڪنهن جي آتما آشانت ۽ پريشان هئي. اهڙي وقت جڏهن چوڌاري باهہ جي گولا پئي وسيا ۽ ديس تباهہ ٿي رهيو هو تڏهن گرديو ٽئگور جا گيتانجلي پڙهڻ سان ان فرينچ ليکڪا جي من مان سمورو ڊپ، سموري آشانتي ۽ پريشاني دور ٿي ويئي. انهيءَ حقيقت کي ياد ڪندي منهنجي انتر آتما بہ هڪ انوکي آنند وچان لرزش ۾ اچي ٿي وڃي. گرديون ٽئگور جي گيتن ۾ اهو ڪهڙو رهسيہ آهي جو موت۔ جيڪو اٽل آهي،

جنهن کان سڄي دنيا ڏڄي ٿي.....سو بي معنيٰ بڻجي ٿو وڃي؟
سکي، دنيا ۾ پوڄا ديوتائن جي نہ. شاعرن جي ٿئي ٿيڻ گهرجي !
انهن شاعرن جي، جيڪي جيون جي راز کي سلجهائن ٿا. ڏس تہ مان کيڏي نہ لنبي واعظ ۾ وڃي پيئي آهيان.
تون ڪيئن آهين؟ تنهنجو ”هو“ ڪيئن آهي؟ جيڪو نئون جيو اچڻو آهي، تنهن لاءِ ڪهڙيون تياريون ڪيون اٿيئي؟ پنهنجي ”هن“ سان ان متعلق ڪهڙيون ڳالهيون ڪندين آهين؟“
نالو سوچيو اٿو يا نہ؟ جي نہ سوچيو هجيو تہ سوچجو بہ نہ نالو هن جو مان رکنديس.
چندرا
قلم تازو ساوي، تنهنجي اکرن کي هي ڇا ٿي ويو آهي، پهرين تہ مونکي اهي سڃاڻڻ ۾ ئي ڪو نہ آيا.“
شيام اهو خط بہ دفعا پڙهيو ۽ بروقت ئي ان جو جواب لکڻ ويٺو:
پريہ!
تو شيام کي معاف ڪري ڇڏيو اهو پڙهي خوشي ٿي، ليڪن ”سيڪجهہ معاف“ جي معنيٰ سمجهہ ۾ نہ آئي، شاعرن کي سڀ ڪجهہ معاف آهي. ان جو مطلب؟
سڀاڻي شيام جيڪڏهن توسان پيار ڪرڻ لڳي تہ؟
توکي خط لکي تہ؟
توکي پنهنجو فوٽو موڪلي تہ؟
اصل اجمير هليو اچيئي تہ؟
توکي پنهنجي جيون سنگني بنائڻ چاهي تہ؟
تہ ڇا تون پوءِ بہ هن کي اهو ”سيڪجهہ“ معاف ڪري ڇڏينديئن؟
نئين منش جو نالو شيام اڳيئي سوچي ڇڏيو آهي. جي ڪڪي رجني، جي ڪڪو تہ گگن.

ساوي
قلم تازو: منهنجي اکرن بابت لکيو اٿيئي. اڄڪلهه منهنجي هٿن ۾ ڏکٽي الائي ڪٿان آئي آهي. ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي تہ ائين ٿيندي آهي، پاڻيهي لهي ويندي“

شيام لفافو ڪڍڻ لاءِ پيٽ ۾ لڳل ڪبٽ کولي، وڏيو تہ ڪنڌ ۾ رکيل ’عشق ناهي راند“ ناول وري پڪاري چيس: ”دوست! عشق راند ناهي: ۽ تون عشق کي راند سمجهي بزرگن جي چوٽيءَ تي مذاق اڏائڻ هليو آهين؟“

”پريم پاپ نہ آهي ۽ جيڪي پاپ نہ آهي، ان سان کيلي سگهجي ٿو.“

ناول تہ چپ ٿي ويو پر ديوار تي ٽنگيل ساوتري پاپيءَ جي تصوير خاموش رهي نہ سگهي. ”تون هي ڇا ڪري رهيو آهين شيام سو بہ منهنجي نالي ۾.“

”منهنجو ارادو بلڪل نيڪ آهي، پاپي پاونا ۾ پاپ جي رتي بہ ڪانهي.“

۽ شيام پنهنجي ڊائري مان چندرا جو فوٽو ڪڍي چيو: جنمن کان مان تنهنجي تلاش ۾ هوس، چندرا! هاڻ توکي ڳولي ڪڍيو اٿم. هينئر مان توکي پنهنجو بنائي ئي رهندس.

ٽن چئن ڏينهن بعد شيام جي ٻئي خط جو جواب بہ اچي ويو.

پياري ساون!

شيام جيڪڏهن ائين ڪيو جيئن تو لکيو آهي تہ بہ مان کيس معاف ڪري ڇڏينديس. مون توکي اڳئين خط ۾ لکيو هو تہ شاعرن کي انوکيون ڪلپنائون ڪرڻ ۾ مزو ايندو آهي. جيڪڏهن هن کي اهو مذاق ڪرڻ ۾ مزو ٿو اچي تہ ڀلي ڪري، منهنجي خوش يا ناخوش ٿيڻ جو سوال ئي ڪونهي.

سکي، ”چاهڻ“ ۽ ”پائڻ“ ۾ تفاوت آهي، ائين آهي تہ پائڻ کان

اڳي چاهبو آهي، ليڪن چاهڻ بعد هرويرو به پائڻ گهرجي، اها ڳالهه منهنجي خيال موجب شاعرن سان لاڳو ٿي نٿو سگهي، شاعرن کي هر ڪا حسين چيز وڻندي آهي....

حسين عورتون به وڻنديون آهن، هو ته هميشه حسن جا پوڄاري ٿيندا آهن، سندر چيزن مان ئي ته هنن کي ڪوتا لکڻ جو اتساهه ملندو آهي، دنيا ۾ جيڪڏهن سندرتا نه هجي ته دنيا ۾ جيڪر هڪ به شاعر نه لڀي. ڪو به شاعر سندرتا جو وناش نه چاهيندو آهي، نه ان جو وناش ٿيڻ ڏيندو آهي، جنگ ۾ سندرتا جو وناش ٿئي ٿو. سندر جيون جو وناش ٿئي ٿو. انسان جي محنت سان ٺهيل سندر نگرن، جاين، باغن ۽ ڪارخانن وغيره جو وناش ٿئي ٿو ته شاعر جي دل کي سخت صدمو ٿو رسي هن جي انتر آتما کي سخت چوٽ ٿي رسي، تڏهن هو قلم کڻي سندرتا جي رکيا ڪرڻ لاءِ جنگ خلاف پنهنجو آواز بلند ٿو ڪري، هو ستل انسانن کي جاڳائي ٿو. هنن ۾ شڪتي آڻي ٿو. هنن ۾ ويرتا جي ڀاونا جاڳائي ٿو. شاعر هميشه بي انصافيءَ ۽ ظلم جو مقابلو ڪيو آهي. ان خلاف لڙيو آهي. سماج جڏهن ٻن دلين کي ملڻ نه ٿو ڏئي، تڏهن به شاعرن پريم جي مهانتا جا گيت ڳائي ٿو. سماج جي ان ظلم خلاف بغاوت ڪري ٿو.

توکي ته اڳي ئي خبر آهي ته مان ستيه جي کهڙي وياکيا ڪندي آهيان. ڀارت جي گهر گهر ۾ ستيه نارائڻ جي پوڄا ٿيندي آهي، ليڪن ان پنيان ڪهڙو رسيه سمايل آهي، سو اڄ خود پوڄا ڪرائيندڙ به ڪو نه ٿا ڄاڻن. ستيه معنيٰ سچ، نارائڻ معنيٰ ڀڳوان، يعني سچ ئي ڀڳوان آهي، تتوگيان جو اهو نقطو جيڪو سمجهي ٿو. هندائي ۽ ان تي عمل ڪري ٿو اهو ئي ڀڳوان کي پائي ٿو پر انهيءَ تتوگيان کي سمجهڻ لاءِ ۽ پائڻ لاءِ اسان کي اول پرڪرتيءَ جي اٽل نيمن کي سمجهڻ گهرجي. مثال طور ڪرم جي نيم وٺ، هڪ شخص چوري ڪري ٿو سرڪاري قانون موجب هن کي چور تڏهن چئي

وٽنديون آهن ۽ حسين چيزن مان شاعرن کي لکڻ جو اتساهه ملندو آهي. تو وڌيڪ لکيو آهي تہ ”چاهڻ“ ۽ ”پائڻ“ ۾ تفاوت آهي ۽ چاهڻ بعد پائڻ جي ڳالهه تون شاعرن سان نٿي لڳائين. تنهنجي ڳالهه کي مڃان ٿي، سکي! مگر مان اهو بہ پڇان ٿي: ڇا سڀ شاعر فقط پنهنجي شاعريءَ جو ئي خيال رکندا آهن؟ پنهنجي زندگيءَ جو هنن کي ڪو بہ خيال نہ رهندو آهي؟ جيڪڏهن ڪو شاعر پنهنجي زندگيءَ ۾ استريءَ جي کوٽ محسوس ڪندو هجي تہ؟ شيام بہ جيڪڏهن اهڙي کوٽ ڪارڻ چاهڻ بعد پائڻ جي ڪوشش ڪري تہ؟ تہ ڇا تون شاعر جي تمنا پوري ڪرڻ لاءِ هن جي ٻڌجي ويندينءَ؟

چندرا ان خط جي جواب ۾ لکيو:

”مان سمجهان ٿي تہ پريم ڪندڙ جو جيڪڏهن پاڻ ۾ وشواس آهي تہ پوءِ هو ڪنهن بہ رمز جو سهارو نہ وٺندو. وشواس ۾ وڏي طاقت ٿيندي آهي ۽ اها طاقت پريم ڪندڙ کي ڪڏهن بہ شڪست کائڻ نہ ڏيندي. دنيا جا ڪلاسڪس (Classics) ان جا ساکي آهن.

ساون! تون هر ڪا ڳالهه ”تي سگهي ٿو“ جي بنياد تي سوچي آهي. شنڪا واري ڳالهه جو هڪ ٻي پهلو ڪٽي اڳيان وڏڻ سنو نہ آهي. جيڪي شيام جي من ۾ ئي نہ هجي، اهو تون زبان سان چوندي وڃين ۽ مان ان کي سورهن آنا سچ مڃي سويڪار ڪندي وڃان، اهڙي مورک مان ڪا نہ آهيان. اهو تون بہ ڄاڻندي هوندينءَ. اهو صحيح آهي تہ منهنجي دل ۾ شاعرن لاءِ عزت آهي منهنجي نظرن ۾ هنن جو درجو برابر اوچو آهي، پر ان جي معنيٰ اها تہ ڪا نہ ٿي تہ مون ڪنهن شاعر جي هر تمنا پوري ڪرڻ جي پرتگيا ڪئي آهي. ڪنهن شاعر جي هر تمنا پوري ڪرڻ ڪويتا ديويءَ جي پوڄا ٿي سگهي ٿي. مگر اهو سڀ ڪجهہ فقط روماني ڪتابن ۾ ئي ممڪن ٿي سگهندو آهي.

اڄ مان ڪنهن جي بہ نہ آهيان. ڪير ٿو ڄاڻي تہ سڀاڻي مون تي

ڪنهن جو اڏڪار هوندو! مان تہ ان ”سياڻ“ بابت سوچيندي ئي جيون ۾ اڳتي وڌڻ جو پاٺ پڙهي آهيان.

توکي ياد هوندو سڪي، اڳي مان چوندي هيس: ڪاش مان هر شاعر جي پتني هجان! مونکي هر شاعر مان سنتان هجي!

تون ان تي کلندي هئينءَ. مان توکي ان وقت تنگدل سمجهندي هيس. ليڪن اڄ مون پروڙيو آهي تہ اهڙا روماني آوارگيءَ جا ويچار صرف روماني ڪتابن ۾ لکڻ لاءِ ئي ٺيندا آهن. اهڙي زندگي حقيقت ۾ ڪڏهن بہ سياويڪ ٿي نٿي سگهي ۽ جيڪي آسياويڪ آهي سو صحيح نہ پر برو آهي. جيڪڏهن ڪا عورت شاعرن جي شاعريءَ ۾ پاڻ پلائي هر هڪ وٿ ”آتم سمرپڻ“ ڪري تہ ان ۾ ڪهڙي چڱائي آهي؟ ڪهڙي وڏائي آهي؟ ڪهڙي سونهن آهي؟

زندگيءَ جو سچو سک تہ ”هڪ“ جو ”هڪ“ کي پاڻ ارپڻ ۾ ئي آهي. مڪمل آتم سمرپڻ....اتي، جتي آدرشن ۽ ڀاونائن جي سمانتا هجي، نئڙت ۽ پنهنجائي هجي، وفا ۽ وشواس هجي، جتي من جي ڪا بہ الجهن نہ هجي، جتي ذرو بہ ڪوڙ گمان يا ڏيک نہ هجي.

ڪو مونکي چاهي، پلي چاهي، ڪو منهنجي پٺيان پوي، پلي پوي، مان تہ صرف ان اڳيان ئي پاڻ ارپي سگهنديس جيڪو منهنجي دل توڙي دماغ ٻنهي کي ڇهي سگهندو. شاعرن جو منهنجي دل ۾ برابر خاص درجو آهي. مگر ان جي اها معنيٰ نہ آهي تہ ڪو بہ شاعر مونکي چاهي تہ مان هڪدم هنجي ٻڌجي وڃان. انهيءَ حالت ۾ سياڻي اگر پيو ڪو شاعر بہ منهنجي نزديڪ اچي ۽ اهو بہ مونکي پائڻ چاهي تہ؟ ان حالت ۾ مونکي ڇا ڪرڻو پوندو. اهو تون بہ ٻڌائي نہ سگهندينءَ. ائين جي هڪ شاعر جي تمنا پوري ڪرڻ لاءِ مان هن سان شادي ڪريان ۽ پوءِ ٻئي شاعر جي چاهنا پوري ڪرڻ لاءِ ڪنهن شڪايت جو بهانو بنائي يا سهارو وٺي، پهرئين شاعر کي طلاق ڏيان تہ اهو صحيح ڪيئن ٿي سگهندو؟ ۽ جي مان هر شاعر جي تمنا پوري

سگهبو جڏهن هو چوري ڪندو سڀ سوڌو پڪڙجي، يا هن خلاف چوريءَ جي ثابتي ملي سگهي، ليڪن پرڪرتيءَ جي نظر ۾ هو چور ان وقت بڻجي ٿو وڃي، جنهن وقت هو چوري ڪري ٿو انسان سچ پچ چوري ڪرڻ کان اڳي خيالي طرح چوري ڪندو آهي پر ڪرتيءَ کان اها خيالي چوري به ڳجهي نه رهندي آهي، ستيه نارايڻ جي ڪٿا جو رهسيه آهي: ستيه سان پريم ڪريو ستيه جو سنمان ڪريو ستيه جي رکيا ڪريو ۽ اها پوڄا چئن ديوارن جي اندر پتل يا چانديءَ جي مورتن کي گنگا جل سان سنان ڪرائي، پڇن ڳائڻ ۾ نه آهي.

مان توکي ان تتوگيان جا ٻيا ننڍا مثال ڏيان. دک جي حالت ۾، بيڪسيءَ جي حالت ۾ جڏهن ڪنهن کي سهارو ڏجي ٿو تڏهن توکي خبر آهي ته ان نر آڌار ان دکي انسان جو ڪشٽ ڪيترو نه ڍرو ٿئي ٿو! دکيءَ جو دک، ڪشٽ ۾ آيل جي ڪشٽ نوارڻ سان، توکي خبر آهي ته سهاري ڏيندڙ ڪشٽ نواريندڙ جي دل ۾ ڪيڏي نه خوشي ٿيندي آهي، هن کي ڪيڏو نه آنند ملندو آهي، سهاري ڏيندڙ جي آتما جنسي جهومي اٿندي آهي.

ساون، مون توکي اڳئين خط ۾ لکيو هو ته شاعر، ستيه جي کوج ڪرڻ لاءِ مها ڪٺن ساڌنائون ڪندا آهن، ان ڪري ئي مان شاعرن کي به تپسوي سمجهندي آهيان. شاعر جي ساڌنا مان دنيا کي اهو ڪي ملي ٿو جو زندگيءَ مان بيزار ٿيل شخص کي به زندگيءَ سان نئين سر پيار ٿي ويندو آهي، تون انهن ڳالهين جي رهسيه کي سمجهين ٿي؟ شاعر پرڪرتيءَ جي نيمن جو ۽ انسان جي سڀاو جو گهرو اڀياس ڪندو آهي ۽ پنهنجي آتمڪ انيو سان انسان جي سڀاو توڙي پرڪرتيءَ جا اهي رهسيه کولي پڌرا ڪندو آهي. جو انسان جي من جون اکيون کلي پونديون آهن، جيون جا قدر بدلجي ويندا آهن. جيون سان پيار وڌي ويندو آهي، تڏهن ئي ته مان چوان ٿي ته دنيا ۾ جيڪڏهن ڪنهن جي پوڄا ٿيڻ گهرجي ته شاعرن جي ئي پوڄا ٿيڻ

گهرجي پر مان ”پوڄا ٿيڻ گهرجي“ چو ٿي لکان، جيڪي سچا شاعر آهن، تن جي پوڄا تہ ازخود ٿيندي ئي آهي... ڪن جي ٿوري، ڪن جي گهڻي، ان جو مدار انهيءَ تي ئي آهي تہ اهو شاعر ڪيترو پرسڌ ٿيو آهي. جي هن جو نالو صرف پنهنجي ديس يا پنهنجي ٻوليءَ تائين محدود آهي تہ انهن جي پوڄا بہ ان محدود دائري اندر ٿئي ٿي، پر پوڄا هر سٺي شاعر، هر مهاڪويءَ جي ٿئي ٿي... والميڪيءَ کان وٺي شاهہ عبداللطيف تائين، هر اعليٰ شاعر جي.

شيام بہ تہ شاعر آهي. مون توکي اڳيئي لکيو آهي تہ سندر چيزن مان ئي شاعرن کي رچنا ڪرڻ جو اتساهہ ملندو آهي. ان ڪري ئي هو هر حسين چيز ڏانهن گهور ڪري نهاريندا آهن، پر هنن جي ان نهار ۾ پاپ نہ هوندو آهي.

تو پاڻ ئي پنهنجي پهرئين خط ۾ لکيو هو تہ شيام ستيہ، پريم ۽ سندرتا جو پوڄاري آهي. تو وڏيڪ لکيو هو تہ ڳالهہ برابر بري ڪئي اٿس، پر هو خود برو ڪونهي، سکي، دنيا ۾ تمام ٿوريون ڳالهيون آهن، جيڪي اصل ۾ بريون آهن. اسان جي غلط سمجهہ ۽ من تي پيل ابتن سنسڪارن تي تيليءَ کي ٿنڀ ۽ ٿنڀ کي تيلي بنائي، زندگيءَ جي هر قدم تي اسان کي گمراهہ ڪرڻ جو سامان ميسر ڪري رکيو آهي. هيءَ ڳالهہ بلڪل صاف پيئي آهي. پهرين ڳالهہ آهي تہ شيام خود برو نہ آهي. منهنجو بہ اهو ئي وشواس آهي تہ جو شخص ستيہ، پريم ۽ سندرتا جو پوڄاري آهي تنهنجي من، واٽي توڙي ڪرم ۾ اهڙي ڪا بہ ڳالهہ نہ هوندي جنهن لاءِ توکي، مونکي يا ٻئي ڪنهن کي بہ ڪڏهن شرمسار ٿيڻو پوي.

۽ تو ائين ڇو لکيو آهي تہ اڄ ڪلهہ جي جوانن کي نہ معلوم ڇا ٿي ويو آهي. ڀلاءِ تہ سهي، هنن کي ڇا ٿي ويو آهي؟

ڪنهن کي چاهڻ پاپ تہ ڪونهي؟ پاپ صرف اتي ٿو اچي جتي چالبازي آهي، مڪر آهي.

تون بہ تہ اج جي ئي زماني جي آهين، تنهنجي من ۾ اهڙي ڳالهہ ڪيئن آئي؟

بي ڳالهہ.... رجني ۽ گگن نالا ڏاڍا سنا آهن، ليڪن پنهنجي شاعر ڏير ڪي چئو تہ نالا سنڌي چونڊي، اسين سنڌي آهيون، پنهنجي تهذيب ۽ تمدن کي سلامت رکڻ جو اهو بہ تہ هڪ ساڌن آهي.

چندرا

چندرا جي ايڏي ڇاڻ ڏسي شيام عجب ۾ پئجي ويو. هن خط ۾ چندرا جي هڪ جملي هنجو خاص ڌيان ڇڪايو هو "پاپ" صرف اتي آهي جتي چالبازي آهي." انهيءَ جملي پڙهڻ بعد هن جي دل اندر هڪ قسم جو طوفان ڪڙو ٿي ويو. هن چندرا جو خط ڪيترا دفعا پڙهيو. پوءِ جواب لکڻ ويٺو:

منهنجي چندا!!

جيڪي ماڻهو استرين کي چئن ديوارن اندر بند رکڻ چاهيندا آهن ۽ انهن کي سکيا ڏيڻ جي خلاف آهن، انهن جي سيني دليلن کي ٽوڙڻ لاءِ مان جيڪر هنن کي تنهنجو هيءُ خط ڏيکاريان.

تنهنجا ويچار ڪنهن حد تائين صحيح ئي آهن، پر تون نالن کي ٻوليءَ جي ٻنڌڻن ۾ جڪڙڻ ڇو ٿي چاهين؟ "سنڌوءَ" ۾ جيڪڏهن "گنگا" مان لوٽو پاڻيءَ جو پري وجهبو تہ سنڌو "گنگا" ڪا نہ ٿي ويندي. سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جي زواليت جا جيڪي ڪارڻ آهن. نالن جو ڦيرائڻ انهن ۾ نٿو اچي. پاڻ ٻين ڀاشائن جا لفظ پنهنجي ٻوليءَ جي پنهنجي وڌائين ٿا ۽ پونجي اگر وڌي تہ ان ۾ ڪهڙي برائي آهي؟ ڪلياڻ ڪئمپن کي گڏي اسين "سنڌو نگر" ڪونيون ٿا. "سنڌو" يا "سنڌ" لفظ سان اسان جو اٿاهہ موهہ آهي. سرڪار انهن ڪلياڻ ڪئمپن تي نالو "الهاس نگر" رکيو آهي. اسان اهو نالو سويڪار نہ ڪيو آهي، پر جيڪڏهن سويڪار بہ ڪريون تہ ڇا اسان جي تهذيب، اسان جي سنسڪرتي ختم ٿي ويندي؟ جيڪڏهن اهو

صحيح آهي تہ پوءِ جن بہ ڪئمپن ۽ ڪالونين ۾ صرف سنڌي رهن ٿا، انهن تي جيڪڏهن ڪو سنڌي نالو نہ رکيو آهي تہ ڇا اتي جا رهواسي سنڌي پنهنجي تهذيب کي ڏک هڻي رهيا آهن؟ اسين نئين ديس ۾، نين حالتن ۾ پنهنجي ٻوليءَ، پنهنجي ساهت، پنهنجي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ کي قائم رکندا اچون زنده رکندا اچون، انهيءَ ۾ ئي تہ اسانجن سنڌين جي سچي مهانتا آهي، توکي تہ خبر آهي تہ ڀارت جو پرڌان منتري نهرو تازو رشيا ويو هو. هڪ مهان ديش جي نيتا جو ٻئي مهان ديش جي جنتا ڪيترو مان ڪيو اهو ٻين ڳالهين مان ڇاهي ظاهر ٿئي يا نہ. مگر هڪ ڳالهہ مان اهو بلڪل چٽي طرح ظاهر ٿو ٿئي، نهرو ۽ سندس سپتري انديرا گانڌي جنهن ڏينهن جنهن روسي نگر ۾ پهتا ٿئي، ان ڏينهن ان شهر ۾ جيڪي بہ ٻار ڄاوا انهن مان ڇوڪرن جو نالو ”جواهر“ ۽ ڇوڪرين جو نالو ”انديرا“ رکيو ويو. ڇا انهيءَ ڪري روسين پنهنجي تهذيب کي ڏک هنيو آهي؟ نالي کي اهميت برابر آهي، پر ان نالي پنيان ڪنهن جي ڪهڙي خاص ڀاونا آهي، ان کي بہ نظرانداز ڪرڻ نہ گهرجي، ”رجني“ ۽ ”گگن“ نالن ۾ جيڪڏهن تون شاعر جي پرڪرتيءَ ڏانهن لگن ڏسي نٿي سگهين تہ ان ۾ شيام جو ڪهڙو ڏوهہ!

ٻي ڳالهہ....دنيا ۾ سندر چيزن سان پريم ڪرڻ ڪنهن لاءِ بہ آسپاويڪ نہ آهي، پر جڏهن ان پريم پائڻ جي چاهنا اتي ٿي، تڏهن اهو پريم ۾ ڪڏهن ڪڏهن رمزن ڪان بہ ڪم وٺندو آهي، پر جنهن رمز مان ڪنهن کي ڪو بہ نقصان نہ پهچي تہ اهڙي رمز واري پريم کي بہ ڇا تون پاپ سڏيندينءَ؟

تو لکيو آهي....پاپ صرف اتي آهي، جتي چالبازي آهي.

رمز ۽ چال ۾ ڪو بہ تفاوت نہ آهي، ان ڪري ئي مان توکان پڇان ٿي تہ جنهن چال مان نقصان نہ پهچي، ڇا اها چال بہ پاپ آهي؟ سڪي چندا، اهو مان بہ ڄاڻان ٿي شاعرن کي حسين عورتون

ڪرڻ جو اصول قبوليان ۽ پوءِ بئي شاعر جي تمنا پوري نہ ڪريان تہ اهو تہ اصول جو گهات ٿيندو. ان ڪري نہ مون پنهنجي اڳيان اهو اصول رکيو آهي ۽ نہ هر ڪنهن شاعر جي تمنا پوري ڪرڻ جي جوابداري پاڻ تي کنئي آهي. جنهن ڳالهہ جي جيتري اهميت آهي. ان کي اوترو ئي وزن ڏيون, ان ۾ ئي اسان جي وڏائي آهي, چڱائي آهي, سونهن آهي.

شيام جا ڪي لکيل يا ڇپيل شعر موڪلي ڏين تہ شڪرانا."

شيام چندرا کي پنهنجا ڪي شعر موڪليا ۽ انهن سان گڏ لکيائين:

"چندا!

"تنهنجي ويچارن منهنجي من تي گهرو اثر ڪيو آهي, مون سچ پچ جيڪي توکي لکيو هو سو "تي سگهي تو" جي بنياد تي ئي لکيو. پر هينئر مان ويٺي سوچيان تہ توکي جيڪڏهن سچ پچ ڪنهن سبنڌ جي جار ۾ ڦاسائي پاڻ وٽ ڇڪيان تہ ڪيئن؟ تون ضرور ناراض ٿينديءَ تہ مان وري بہ اها ئي ڳالهہ ڪري رهي آهيان, جيڪا شايد شيام جي من ۾ آهي ئي ڪا نہ پر اهو پورن ريت صحيح ڪونهي. ڪالهہ رات اوچتو هن کي تنهجا سون ڏانهن لکيل خط هٿ اچي ويا. پڙهي هڪدم چيائين, شادي ڪجي تہ چندرا جهڙي ڇوڪريءَ سان, جيڪا نہ رڳو روپوتي آهي, پر Intellectual بہ آهي. هن جي پترن پڙهڻ سان آنتر آتما جهومي ٿي اٿي. هن جون ڳالهيون دل توڙي دماغ ٻنهي کي ٿيون ڇهن. هوءَ خود تہ گهرو سوچي ٿي, پر اڳلي کي بہ گهرو سوچڻ لاءِ مجبور ٿي ڪري, ساڳي وقت هن جي لکڻيءَ مان اهو بہ ظاهر آهي تہ هن ۾ استريءَ جي سياويڪ نفسياتي نزاڪت ۽ ڪوملتا بہ ڀريل آهي.

ٻڌاءِ چندا, ڇا خيال آهي؟ آچ منظور؟

ساوي

# چار

ساوتري پيڪي گھران موٽي ان ڏينھن ئي منجھند جو ڪيس چندرا جو خط مليو پر گھٽي ڪم ھئڻ سبب ھوءَ اھو بروقت پڙھي نہ سگھي ۽ پاسيرو ڪري رکي ڇڏيائين. سنجھا جو شيام آفيس مان موٽيو تہ ھن چندرا جو خط ڏٺو. ھو چپ چاپ اھو کڻي ٻاھر نڪري ويو ۽ رستي جي ٻنيءَ جي ھينان ويھي پڙھڻ لڳو:

ساون!

"تون ڇري ٿي ويئي آھين ڇا؟

شيام جا شعر مون پڙھيا، مونکي تمام پسند آيا. پر ھو ضرور اڳيئي ڪنھن سان پريم ۾ آھي. تڏھن تہ اھڙا روماني شعر لکي سگھي ٿو. جو شخص اڳيئي ڪنھن سان پريم ۾ آھي تنھن سان تون

مون کي شادي ڪرڻ لاءِ ڪيئي چٺي رهي آهين؟ شيام جي شعرن منجهان ظاهر آهي تہ ڪا اڳيئي هن تي پنهنجو اڌڪار ڪري چڪي آهي، پوءِ مان هڪ استري هوندي، ٻي استريءَ جو حق ڪيئن تي ماري سگهان؟ جيڪڏهن منهنجي سندرتا ٻن دلين وچ ۾ قائم ٿيل سٻنڌ کي ٽوڙڻ جو ڪارڻ بڻجي تہ مان هوند اهڙي سونهن کي ئي بگاڙڻ چڏيان.

مون ڪيتري ڪوشش ڪئي آهي پر مونکي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ تو پنهنجي خطن ۾ وري بہ شيام جو ذڪر ڇو آندو آهي، ڪٿي مڃجي تہ شيام کي اڃا ڪا پريتما نہ ملي آهي، پر هن لاءِ پوءِ بہ ڪجهہ مشڪل نہ آهي، پاڻ ڇڏنس تہ نڪري پوي جيون جي ڪيتر ۾.

چندا

شيام خط موٽائي آٽي پنهنجي جڳهہ تي رکيو ۽ چندرا کي لکيائين:

"شيام جو ڪنهن سان بہ پريم ڪونهي، هن جي زندگيءَ ۾ اڃا ڪا بہ ڪا نہ آئي آهي، شاعر ماٺهو آهي، ڪلپنا جي پرن تي اڏامڻ هن جي عادت آهي، جيڪي چاهي ٿو اهو شاعريءَ ذريعي پائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

چندا، تون وري بہ سوچ، منهنجي خيال موجب تون اهڙو موقعو هٿان وڃائيندينءَ تہ اڳتي هلي پڇتائيندينءَ.

لکين ٿي تہ ڇڏي ڏيانس تہ نڪري پوي جيون جي ڪيتر ۾....پر تون هڪ ڳالهہ وساري ٿي ڇڏين تہ توکي صرف شيام نٿو چاهي، مان بہ چاهيان ٿي، منهنجي مني سکي، ڇا تون منهنجي هيءَ التجا نہ مڃيندينءَ"

ٻئي ڏينهن صبوح جو ساوتريءَ کي جڏهن چندرا جي خط جي يادگيري آئي، تڏهن ان کي ڪليل ڏسي عجب ۾ پيئي، پر خط پڙهڻ بعد

تہ جنسي تپرس وٺي ويس ، شيام.... شادي.... شاعري.... هي سڀ ڇا هو. هوءَ ڪجهہ بہ سمجهي نہ سگهي. چندرا کي لکيائين:

”پياري چندرا!

پوري مهيني بعد مان ڪالهہ سنڌو نگر ۾ واپس آئي آهيان ۽ منجهند جو تنهنجو خط مليو ليڪن ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ آيو. تو مونکي ”چري“ ڇا لاءِ سڏيو آهي؟ کولي لک تہ ڪجهہ سمجهہ ۾ اچي.“

ڇئن ڏينهن بعد جواب ۾ ساوتريءَ کي هڪ ٿلهو لفافو هٿ ۾ مليو چندرا لکيو هو:

”مون نٿي ڄاتو تہ هڪ سچو شاعر چالباز ٿي سگهي ٿو. تنهنجي نالي ۾ شيام مون ڏانهن جيڪي خط لکيا آهن سي مان هوبهو توڏانهن واپس موڪلي رهي آهيان. انهن کي پڙهڻ بعد تون سڀ ڪجهہ سمجهي وينديئن. عجب تہ پاڻ تي بہ ٿو لڳيم تہ مان اهڙي اياڻي ڪيئن بڻيس جو تنهنجي لکڻيءَ کي سڃاڻي نہ سگهيس، ان جو سبب شايد اهو ئي آهي جو تو مونکي تمام لنبي مدت بعد وري لکيو هو تہ مون سمجهيو تہ تنهنجا اکر بدلجي ويا آهن. خير....

هن خط ۾ جيڪو بيو لفافو بند پيل آهي، اهو شيام کي ڏج. اهو هن لاءِ ئي موڪليو اٿم.“

شيام جا خط پڙهي ساوتري دنگ رهجي ويئي. سڄو ڏينهن ڪم تہ ڪندي رهي پر هن جو من بيحد پريشان رهيو. رات جو جڏهن شيام آفيس مان موٽيو ۽ ساوتريءَ هن کي چندرا جو خط آڻي ڏنو ان وقت بہ هن جو چهرو بيحد اداس هو.

شيام پنهنجي پاپيءَ جو اهو اداس مک ڏسي ڪنهن نامعلوم ڊپ وچان ڏڪي ويو. چندرا جو خط هن ساوتريءَ جي سامهون ئي کولي پڙهيو.

شاعر صاحب!

مان ائين ٿي سمجهندي هيس تہ شاعر اعليٰ درجي جا انسان ٿيندا، هو اوچ ڪلچر جا مالڪ ٿيندا آهن. من، وچن توڙي ڪرم جا همشہ سڌا سادا ۽ نيڪ ٿيندا آهن، دنيا ۾ رهندي بہ دنيا جي گند ڪچري کان مٿي رهندا آهن. ڪلاڪارن جي مهانتا ئي ڄاڻي ڪلا جي ديوي سرسوتيءَ کي نرليپ ڪمل جي آسڻ ئي براجمان ڪيو ويندو آهي. مان ائين ئي سوچيندي هيس تہ شاعرن جي نندا تہ پري رهي، هنن تي آلوچنا بہ ڪا نہ ٿي سگهندي آهي. ڇاڪاڻ جو شاعر ستيہ، پريم ۽ سندرتا جا پوڄاري آهن. هنن جي رڳ رڳ ۾ ستيم شوم، سندرم (Truth, Goodness, Beauty)جو منتر پيو گونجندو آهي ۽ هنن ۾ سوارٿ جي هلڪي بوءِ بہ ڪا نہ رهندي آهي.

ليڪن اڄ منهنجا خيال بدلجي ويا آهن ۽ ان جو ڪارڻ "تون" آهين. تو جيڪي ڪيو آهي، اهو جيڪڏهن نہ ڪرين ها تہ مان اڃا بہ شاعرن کي اعليٰ ۽ سڀيہ انسان سمجهندي اچان ها. انهيءَ ڪلپنا ۾ ڪيڏو نہ آنند هو! پر تو اهو آنند مون کان کسي ورتو.

جن کي الوچ بڻجڻ گهرجي. اعليٰ بڻجڻ گهرجي. اهي جيڪڏهن پنهنجي سوارٿ لاءِ ننڍا بڻجي وڃن، رواجي ۽ خسيس بڻجي وڃن تہ، پوءِ منش کي پرڪرتيءَ وٽان ورثي ۾ پوڄا جو جيڪو ياو مليو آهي، ان کي هو ڪيڏانهن ڪري؟

هر ڪو شخص من ئي من ۾ ڪنهن نہ ڪنهن جي پوڄا ڪندو آهي. مان بہ ڪالهہ تائين شاعرن جي پوڄارڻ هيس، پر اڄ تو منهنجي پوڄا کي پينگ ڪري ڇڏيو آهي، تو منهنجي ڪلپنا کي توڙي ڀُور ڀُور ڪري ڇڏيو آهي. هينئر ڪير بہ ان کي وري جوڙي نہ سگهندو. انهيءَ ڳالهہ مون کي ڪيترو پريشان بنايو آهي، منهنجي من اندر ڪيڏي نہ پيڙا پيدا ڪئي آهي!....ڪاش، تون ان کي ڄاڻي سگهين! سمجهي سگهين!

شاعر صاحب، زندگيءَ ۾ منهنجو اڄا تائين ڪنهن سان بہ پريم

جو ناتو نہ جڙيو آهي. اڳتي هلي مون سان تنهنجو پريم سپنڌ جڙي سگهي ها. ان ڳالهہ کي مون هيل تائين ناممڪن نٿي سمجهيو پر الائي ڇو مونکي انهن ماڻهن لاءِ سخت نفرت. سخت ڌڪار آهي جيڪي پنهنجو مطلب سڌو ڪرڻ لاءِ رمزن جو سهارو وٺندا آهن. منهنجي خيال موجب اهڙا شخص موقعي پرست ٿيندا آهن. گنگا گئي تہ گنگا داس، جمنا گئي تہ جمنا داس، چندرا ملي تہ چندرا، اندرا ملي تہ اندرا! .....هنن لاءِ ٻئي استريون تہ آهن نہ! هنن وٽ ضرورت جو آدر آهي. ان جي پورائي نہ، ضرورت تہ نينا، بينا، مينا يا ٻي ڪا بہ استري پوري ڪري سگهي ٿي. پر ان ضرورت جو سپنڌ واسنا سان آهي. پريم سان نہ.واسنا جي پورائيءَ لاءِ هنن واسطي ريکا، راڌا رجني سڀ هڪ آهن. ۽ پريم جيڪڏهن ريکا آهي تہ رجني ۽ راڌا ان اڳيان ڪجهہ بہ نہ آهن. ان حالت ۾ ضرورت جو آدر جو سوال ئي ڪو نہ اٿندو آهي. تون جيڪڏهن پريم ۽ واسنا وچ ۾ ڪو بہ آنتر نٿو ڏسين، نٿو سمجهين، تہ پلي رمزن کان ڪم وٺندو رهہ. مگر ان حالت ۾ توکي هرويرو چندرا جي ضرورت ڪا نہ پوندي. دنيا ۾ هڪ سو ويهہ ڪروڙ عورتون آهن. تنهنجي ضرورت انهن مان ڪنهن بہ هڪ کي پائڻ سان پوري ٿي سگهي ٿي. آدر وري بہ تنهنجي ضرورت جو رهندو. ضرورت جي پورائيءَ جو نہ.

تو وارا خط تنهنجي پاپيءَ ڏانهن موڪلي رهي آهيان. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ اهي خط مون ڏانهن ئي لکيل آهن. جنهن ڪري انهن تي اڌڪار منهنجو ئي آهي. مان ڄاڻان ٿي تہ خط جيون جي پونجي ٿيندا آهن. مان اهو بہ ڄاڻان ٿي تہ جيون جي آخري دور ۾ انسان پاڻ کي ماضيءَ جي يادگيرين ۾ پلائڻ چاهيندو آهي. جنهن جو ماضي جيترو ئي رنگين رهندو آهي. هن لاءِ ان ۾ گم ٿيڻ اوترو ئي وڌيڪ سميو بڻجي سگهندو آهي. ماضي جيترو مٺو رهندو آهي. ان جي ياد اوتري ئي سک ڀري هوندي آهي. جنهن انسان جو ماضي مٺو

نہ آهي، سکي نہ آهي، اهو انسان اڳتي هلي ڪيترو نہ پريشان ٿو بڻجي!

مون مٿي لکيو آهي تہ خط جيون جي پونجي آهن جيڪي اهو ڄاڻن ٿا تہ اهي خطن کي سانڍي رکندا آهن. نہ ان لاءِ تہ اڳتي هلي انهن مان ڪو الٽو سلٽو لاڀ حاصل ڪن. بلڪ ان لاءِ تہ زندگيءَ جو هڪ هڪ پل، هڪ هڪ ڪن. انسان جي پڙهيءَ ۾ من تي جيڪو اثر ڇڏين ٿا، ان اثر کي وري تازو ڪري سگهن. ان اثر کي هميشہ لاءِ قائم رکي سگهن. انهن اثرن مان آئي انسان انيو پرائي ٿو ۾ ائين پل پل مان پريرڻا پائي پنهنجي جيون کي سڪميہ بڻائي ٿو.

شاعر صاحب، توهان کي اهو بہ سمجهڻ گهرجي تہ دنيا ۾ سڀئي ماڻهو پنهنجي زندگيءَ کي واپاري نقطہ نگاهہ سان نہ ڏسندا آهن. هو هر ڳالهہ کي انهيءَ نقطہ نظر کان ڏسڻ جا عادي نہ هوندا آهن تہ ڪنهن ڳالهہ مان ڪيترو نفعو آهي يا ڪيترو نقصان. مان بہ انهن مان هڪ آهيان. ان سبب ئي پنهنجي پونجي، يعنا تنهنجا خط پاڻ وٽ نہ رکي، ايڏانهن تنهنجي پاپيءَ وٽ موڪلي رهي آهيان.

هڪ شاعر هئڻ جي ناتي، تو منهنجي دل جي ڪنهن حصي ۾ هڪ خاص جڳهہ هٿ ڪئي هئي. مون پنهنجي ڪلپنا جي سهاري ان حصي کي خوب سينگاريو هو ۽ ان کي ”ڇوٽا سا گهر“ جو نالو پڻ ڏنو هوم. ليڪن تنهنجي ناٽڪ ان ڪلپنا کي، ڪلپنا جي ان سندر محل کي ٽوڙي ڇڏيو آهي ۽ مون ان ”ڇوٽا سا گهر“ کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو آهي، هينئر اتي ان جو ڪو بہ نانءُ نشان موجود نہ آهي.

مون کي زندگيءَ ۾ اهو ئي شخص پائي سگهندو جيڪو سڌو سادو ۽ نيڪ هوندو. ممڪن آهي تہ تون نيڪ هجين، مگر تون سڌو ۽ سادو ڪنهن بہ حالت ۾ ٿي نٿو سگهين. ان ڪري تون مون کي ڪڏهن بہ پائي نہ سگهندين. مون کي ڦاسائڻ جو نمونو ڏاڍو سٺو اختيار ڪيئي. مگر اهو وساري ڇڏيئي تہ اڄ جي استري ابوجهہ ۾

گونگي گانءِ نہ آهي، ڪو زمانو هو جڏهن مرد "جهڙو آهي، نيڪ آهي." تي هلي ويندو هو. پر اڄ اهو زمانو ڪو نہ رهيو آهي.

تون شايد اهو، بہ سوال اٿارين تہ انسان پٿر نہ، پر ميڻ جيان سراوٺدو آهي، اهو پاڻ ۾ ڪيڏو بہ ڦيرو آڻي سگهي ٿو. مگر مان تنهنجي ان سوال جو جواب بہ اڳ ۾ ڏيئي ڇڏيان، جيئن توکي يا مونکي وڏيڪ لکپڙهہ ڪرڻ جي ضرورت نہ پوي. منهنجي من تي تو سنو اثر ڪو نہ ڇڏيو آهي. اهو اثر هميشہ لاءِ تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ ديوار جيان کڙو رهندو ۽ اها ديوار ئي منهنجي رکيا ڪندي رهندي.

منهنجو فوٽو جيڪڏهن توکي وڻيو آهي تہ اهو پاڻ وٽ رکي سگهين ٿو. تون وري بہ هڪ شاعر آهين ۽ مان توکي ٻيو ڪجهہ نہ تہ اهو فوٽو ڏيڻ ۾ پنهنجو ئي آدر سمجهان ٿي."

چندرا

شيام جي اکين ۾ گرم گرم پاڻي پرجي آيو ۽ هن جون اکيون پوسرڻ لڳيون، هو چپ چاپ گهر مان نڪري ويو ۽ اونداهي رات ۾ هلندو هلندو، سنسان رستي تي هڪ تلهي تي اچي ليٽي پيو.

مٿي آسمان ۾ تارا پئي ٽمڪيا ۽ هيٺ هڪ انسان دل.....هڪ شاعر جي دل پريشان هئي.

انهن روشن تارن ڏانهن تڪيندي شيام سوچڻ لڳو:

سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويو.

اڄ دنيا ۾ منهنجو ڪير ڪونهي...

ڪير بہ ڪونهي.

اي دنيا!

توکي ڇا مون تي ڪڏهن قياس نہ پوندو؟

تون ڇا مون ڏانهن هميشہ اهڙي ڪنور رهندينءَ؟

مون تہ تنهنجو ڪجهہ ڪو نہ بگاڙيو آهي.

پوءِ تون مون سان ايتري خفي ڇو آهين؟

تون ڇا ڪنهن کي بہ سک ڏيئي نہ ڄاڻين؟
ڇا تون اهو نٿي ڄاڻين نہ منهنجي جيون ۾ پريم نہ آهي....
ڪير بہ مونکي چاهي نٿو....
مون ۾ ڪنهن جو بہ موهہ ڪونهي...
مان سڄي عمر ڪنهن جي زبان مان منيون منيون.
ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ تڙڦندو ٿو رهان....
پر ڪير بہ منهنجو نٿو بڻجي.
ڪير بہ مون کي ٻڌي نٿو....
ڏسي نٿو.
۽ تون؟
تون بہ مونکي ستائي رهين آهين.
اڙي او ظالم!
ڪجهہ تہ ترس کاءُ....
ايتري تہ سخت نہ بڻج.
اهو وساري نہ ڇڏ تہ منهنجي سيني ۾ بہ هڪ دل آهي.
۽ مان اها دل ڪنهن کي ڏيڻ لاءِ آتو آهيان.
ليڪن مونکي هر طرف کان....
سواءِ نفرت جي ٻيو ڪجهہ بہ نٿو ملي
اڙي او پٿر!
تو مونکان منهنجا لڙڪ بہ کسي ورتا آهن...
۽ هينئر مان روئي بہ نٿو سگهان.
جيئڻ جو ڪو سهارو نٿي ڏين....
تہ ڀلا روئڻ تہ ڏي
روئي روئي.
دل جو بار تہ هلڪو ڪرڻ ڏي.
ائين سوچيندي، پڪاريندي شيام جي اکين مان آنسن جي ڌارا

وهي هلي.

شيام پاسو ورايو: هن جي ويچار ڏارا بہ رخ ڦيرايو... سچو مهينو کهڙي نہ موج سان گذريو من چنچل بڻجي اٿيو هو. مون سمجهيو هوءَ منهنجي بڻجي ويندي. اسان جي شادي ٿيندي ۽ پئي پريم پري زندگي گذاريندا سين.

ليڪن هن مونکي ٺڪرائي ڇڏيو. هن کي ايمان ڇا جو آهي؟ هن مون کي پائڻ لاءِ ڪا بہ محنت ڪا نہ ڪئي آهي. ڪوبہ ڪشت ڪو نہ سٺو آهي، هن جي اڳيان مون پاڻ کي ڪمزور روپ ۾ پيش ڪيو آهي. ڇا انهيءَ ڪري ٿي هن جي دل ۾ اهو ايمان جاڳيو آهي؟

برابر آهي، مون هن سان ناٽڪ ٿي ڪيو آهي، ليڪن چندرا ڇا اهو سمجهي نٿي سگهي تہ مون اهو ناٽڪ کيس پائڻ لاءِ ٿي ڪيو آهي. مان شاعر آهيان، اهو ڄاڻي هوءَ مونکي پيو ڪجهہ نہ، فقط پنهنجي فوٽي ڏيڻ ۾ ئي آدر ٿي سمجهي. فوٽو ڏيڻ ۾ آدر آهي، پر دل ڏيڻ ۾؟ لکي ٿي، هر ڪو منش من ئي من ۾ ڪنهن کي نہ ڪنهن کي پوڄيندو آهي ۽ ڇا هوءَ چاهي ٿي تہ مان بہ هن جو فوٽو وڏو ڪرائي ان جي پوڄا ڪندو رهان؟

مونکي دنيا وٽان صرف نفرت ڇو ٿي ملي؟ منهنجي جذبن جو ڪير قدر ڇو نٿو ڪري؟ نہ، هن دنيا ۾ هر ڪو پنهنجو سوارٿ ٿو سوچي ۽ ڪير بہ پنهنجي سمارٿ کي ٻئي جي سوارٿ کان گهٽ نٿو سمجهي، انهيءَ ڪري ئي تہ سياڻن چيو آهي، دنيا مطلب جي آهي.

چندرا مونکي ٺڪرايو آهي، ڇا هن سچ پچ مونکي ٺڪرايو آهي؟ نہ، مون هن کي ڪتابي نموني پيار ڪيو ۽ هن بہ مونکي ڪتابي نموني ٺڪرايو آهي.

مالهيءَ پنهنجي ناول ۾ سچ لکيو آهي: عشق راند ناهي!

❋

# پنج

”اٺ شيام، ڪير پيءُ“
شيام جو منهن پٽ پاسي هو. هن پاسي وراڻ بنان چيو: ”اڄ ڇنڇر.“
”ڇنڇر ڪيئن؟ اُٺ.“
”هڪ شرط تي اٿندس، پاپي.“
”ڪهڙو شرط؟“
شيام اٿندي چيو: ”مونکي معاف ڪر پاپي!“
ساوتري اشارو سمجهي ويئي. چيائين، ”ڪير پيءُ، ٺڏوٺي رهيو آهي.“
”پهرين معاف ڪر.“

ساوتري پر ۾ رکيل ڪرسيءَ تي وهندي چيو:

”منهنجي معافيءَ جو هتي سوال ئي ڪٿڙو آهي. معاف ڪرڻ وارو تہ ٻيو ڪير آهي.“

”ليڪن مون پاپ جو ڪيو آهي.“

”پاپ؟“

”تنهنجي نالي ۾ خط جو لکيم.“

ساوتريءَ ڪان هلڪو ٺهڪ نڪري ويو. گلاس وارو هٿ ڪرسيءَ جي ٻانهن تي رکي چيائين، ”اهڙا ڪم ڪجن ڇو جو پوءِ پڇتائڻو پوي.“

”پڇتائڻو پوندو اهو جي اڳي ڄاڻيندو هجان ها تہ ائين ٿيڻ ئي ڪو نہ ڏيان ها، پاپي!“

ساوتريءَ جي چپن تي اڻ لکي مسڪراهٽ ظاهر ٿي، جنهن ۾ درد جي هلڪي ريکا بہ مليل هئي، اهو درد شيام جي دل جو هو جيڪو جڏهن جي آواز دوران سندس پاپيءَ جي ڪنن ۾ پرويش ڪري، هن جي چپن تائين پهچي ويو هو پر ان درد ۾ جو مرڪ بہ ملي ويئي هئي. ان مان شيام کي ائين محسوس ٿيو تہ سندس پاپيءَ ڪيس دل ئي دل ۾ معاف ڪري ڇڏيو هو.

”پر شيام تون اهو سڀ ڇو ڪيو؟“

تڏهن شيام بہ پنهنجي پاپيءَ واري مرڪ جي ٻوليءَ ۾ چوڻ چاهيو: مجبوري هئي، پاپي! دنيا ۾ اڪثر هر زيادتيءَ جو ڪارڻ مجبوري ئي رهندي آهي، ڪن حالتن ۾ ان مجبوريءَ جو ڪارڻ هوس، لوڀ...ڏس پاپي، مان هرويرو فيلسوف ٿيڻ جي ڪوشش پيو ڪريان، پر ٻيو پلا چوان بہ ڇا. تنهنجي سوال جو ٻيو ڪو جواب بہ تہ ڪونهي.

شيام اهو سڀ زبان سان چيو ڪو نہ، پر ساوتري جڏهن هن جي نهار مان ئي اهو سڀ ڪجهہ سمجهي ويئي.

چيائين، ”چڱو هاڻي ڪير پيءُ، جيڪي ٿيو سو ٿيو.
تون شاعر آهين. ٻه چار شعر لکي دل جو سمورو غم ڪيڊي
ڇڏج.“
شيام جي چپن تي هڪ ڪن لاءِ طنز ڀري مرڪ نچي اُٿي.... پاپي،
تون ڄاڻين ٻجهي يا اڻڄاڻائي وچان مون تي ڪيڏي نه ٺٺولي ڪري
ويٺين؟ نه، نه.... تون ڄاڻي ٻجهي مون تي ڪڏهن به ٺٺولي نه
ڪندين... تون منهنجو ڪيترو نه خيال رکندي آهين. پوءِ مان ائين
ڇو پيو چوان، ته دنيا ۾ منهنجو ڪير ڪونهي، هيءَ منهنجي پاپيءَ
منهنجو پاءُ....
پر ظاهري شيام خاموش رهيو. هن چپ چاپ پاپيءَ جي هٿن مان
ڪير جو گلاس ورتو ۽ پي ويو.
ساوتري خالي گلاس کڻي واپس وڃڻ تي هئي، جو سڳن ڪمري
۾ داخل ٿيو. گهڙندي ئي چيائين، ”اڄ به گاڏي ڪئنسل ڪري
ڇڏيائون، سينٽرل ريلوي وارن کي نه معلوم ڇا ٿي ويو آهي.“ سڳن ۽
ساوتري، ٻئي ڪمري ۾ هليا ويا.
شيام اٿي ميز مان چندرا جا خط ڪڍيا ۽ هڪ هڪ ڪري
پڙهڻ لڳو. هينئر هن کي هڪ به خط ۾ چندرا جو پاڻ ڏانهن پريم نظر
نه آيو. ڪٿي عزت، ڪٿي ايمان، پر پيار يا سنيه.... اهو ڪٿي ڪو نه
هو.
هي ڇا لکيو هئائين. زندگيءَ ۾ منهنجو اڄا تائين ڪنهن سان به
پريم جو سنٻنڌ ڪو نه جڙيو آهي. اڳتي هلي توسان منهنجو پريم
سنٻنڌ جڙي سگهيو ٿي. ان ڳالهه کي مون هيلتائين نامڪن نٿي
سمجهيو پر الائي ڇو مونکي انهن ماڻهن لاءِ سخت نفرت، سخت
ڌڪار آهي، جيڪي پنهنجو مطلب سڌو ڪرڻ لاءِ رمزن جو سهارو
وٺندا آهن...
نفرت ۽ ڌڪار!

ليڪن اهو ”الائي چو“ چا ٿيندو آهي، ڇا مان ائين چئي سگهان ٿو تہ مونکي هن سان پيار آهي، مگر الائي ڇو. منهنجي زندگيءَ ۾ هڪ ڪوٽ آهي، هوءَ ان ڪوٽ جو پورائو آهي، ڇاڪاڻ جو عورت آهي.

ٻئي هنڌ لکيو اٿس:

اهڙا شخص موقعي پرست ٿيندا آهن، گنگا گيي تہ گنگاداس، جمنا گيي تہ جمنا داس، چندرا ملي تہ چندرا، اندرا ملي تہ اندرا، هنن لاءِ ٻئي استريون تہ آهن نہ. هنن وٽ ضرورت جو آدر آهي، ان جي پورائي جو نہ. ضرورت تہ بينا، نينا، مينا يا ٻي ڪا بہ استري پوري ڪري سگهي، ٿي. پر ان ضرورت جو سپنڌ واسنا سان آهي. پريم سان نہ. واسنا جي پورائيءَ لاءِ هنن واسطي ريڪا، راڌا، رجني سڀ سمان آهن، مگر پريم.... جيڪڏهن ريڪا آهي تہ رجني ۽ راڌا هن اڳيان ڪجهہ بہ ناهن، تون جيڪڏهن پريم ۽ واسنا وچ ۾ ڪو بہ انتر نٿو ڏسين، نٿو سمجهين تہ پلي رمزن ڪان ڪم وٺندو رهہ. مگر ان حالت ۾ توکي هرويرو چندرا جي ضرورت ڪا نہ پوندي. دنيا ۾ هڪ سو ويهہ ڪروڙ عورتون آهن، تنهنجي ضرورت انهن مان ڪنهن بہ هڪ کي پاڻ سان پوري ٿي سگهي ٿي....

شيام پاڻ سان ڳالهائيندي چيو:

.... چندرا، مان پريم ۽ واسنا جي آنتر کي مڃان ٿو. مان ڄاڻان ٿو تہ مان اڌورو آهيان ۽ مونکي پنهنجي پورڻتا لاءِ هڪ استريءَ جي گهرج آهي، پر اهو بہ تہ صحيح آهي نہ، تہ پريم لاءِ آدرشن ۽ ڀاونائن جو سمان هئڻ لازمي آهي، نہ تہ وچ ۾ هميشہ دوريءَ جي ديوار قائم رهندي. منهنجي ڪوٽ جي پورائي ڪا بہ عورت ڪري سگهي ٿي...برابر....پر ڪنهن بہ عورت سان منهنجي آدرشن، منهنجي ڀاونائن جي سمانتا قائم رهي نٿي سگهي. پريم ۽ واسنا جو انتر اتي بلڪل صاف ظاهر آهي...چندرا کي انهن ماڻهن کان نفرت آهي

جيڪي پنهنجي مطلب لاءِ رمزن ڪان وڪم ونندا آهن، هتي ”پنهنجي مطلب“ جو مفهوم صاف نٿو ٿئي. منهنجي مطلب سان، ڇا هن جو مطلب نہ آهي؟ هن کي پائي مان ڇا هوا سان محبت ڪندس؟ مون وٽ بہ تہ ڪنهن جي ڪلپنا ۾ اتري اچڻ جو سامان ميسر آهي، منهنجي چال پنيان بہ تہ پريم ئي آهي نہ ۽ جتي پريم آهي اتي پاپ نہ آهي. پوءِ هوءَ جيڪڏهن منهنجي نشپاپ پريم کي ”چالبازي“ سمجهي ”الائي ڇو“ واري نفرت جو اظهار ڪري تہ ان ۾ ڪهڙي وڏائي آهي، آدر ڏيئي نرادر ڪرڻ ڪٿي جي مريادا آهي!

شيام پريشانيءَ وچان لڇندو رهيو ڦٿڪندو رهيو. آخر ميز جي خاني مان قلم ۽ ڪاغذ ڪڍي لکڻ وينو:

مان اها راهہ آهيان،
جنهن جي ڪا منزل نہ آهي.
مان اهو راهي آهيان،
جنهن جي ڪا راهہ نہ آهي.
اهو گيت آهيان،
جنهن جو ڪو سُر نہ آهي.
اهو شعر آهيان، جنهن ۾ ڪو وزن نہ آهي.

شيام جڏهن وري مٿان ڪان وٺي اهي سٽون پڙهيون تہ اها پاڻ تي ئي طنز محسوس ٿيس. هو هلڪو مشڪي اهو پنو ڦاڙي ڇڏيو ۽ وري لکڻ شروع ڪيائين:

چنڊ تہ هڪ گرهہ آهي. هن کي چڪور جي آتما جي تڙپ جي ڪهڙي ڄاڻ! چنڊ وٽ جيڪڏهن پيار ڪرڻ واري دل هجي تہ شايد لکين ٽڪر ٽي، سيني چڪورن جو جيون ساٿي بڻجي وڃي، ليڪن جيڪو هڪ جو ٿي بڻجي نٿو سگهي، اهو لکن جو ڪيئن بڻبو هڪ جو بہ هو ڪيئن بڻجي، هن وٽ دل آهي ڪٿي!

شيام اهو پنو بہ ڦاڙي ڇڏيو. قلم ڪاغذ تيءِ ٺونٺ ميز تي رکي

آڳريون وارن ۾ گهمائيندي سوچڻ لڳو تہ ڇا لکان. جڏهن من ۾ ڳالهہ چٽي نہ آهي، تڏهن ڪجهہ لکجي بہ ڪيئن. جيڪڏهن من جي هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪڻ سبب ئي من ۾ ڳالهہ چٽي نٿي ٿئي تہ انهيءَ اشانت من کي شانت ڪرڻ لاءِ، ڀٽڪندڙ من کي استر بنائڻ لاءِ، قلم جو ئي سهارو وٺڻ کپي. جيڪو بہ خيال اچي، لکندو وڃجي، جڏهن ٽڙيل پکڙيل ۽ اڻ چٽا ويچار صاف چٽا ٿي بيهندا، تڏهن ئي پنهنجن پاونائن سان نياءُ ڪري سگهبو. اڄ تہ جيئن پُور اچي ٿو تيئن ئي لکڻ کپي. پرواهہ نہ آهي..... ويچار چٽا نہ آهن. سلسليوار نہ آهن تہ ڇا ٿيو! چندرا انهن ٽڙيل پکڙيل خيالن مان اهو تہ ڄاڻي سگهندي تہ منهنجي من جي حالت ڪهڙي آهي.

شيام نئون ڪاغذ ڪٽي لکڻ شروع ڪيو:

تو هڪ شاعر جي دل ٽوڙي ڇڏي! ڇا حاصل ٿيو توکي؟ تون جيڪڏهن مونکي پنهنجو ٻڌائين ها تہ تنهنجو ڇا وڃي ها؟ مون اهڙي ڪهڙي چال ورتي جنهن لاءِ مان هيڏو وڏو گنهگار ليکيو ٿو وڃان؟ جيڪي تو ڄاتو آهي، اهو جيڪڏهن في الحال نہ ڄاڻين ها تہ پس پيش مان خود ئي توکي اهو سڀ ڪجهہ ٻڌايان ها.

تو مونکي منهنجي پاپيءَ جي نگاهن ۾ ڪيترو نہ ڪيرائي ڇڏيو آهي! ان ۾ تو پنهنجي ڪهڙي مهانتا ڏيکاري آهي؟ توکي آخر ايمان ڇا جو آهي؟ ڇا اهو ئي گهمنڊ اٿيئي تہ هڪ شاعر تنهنجي روپ تي متوالو ٿيو آهي؟ ليڪن اهو بہ صحيح تہ نہ آهي، دنيا ۾ ڇا روپ ئي سڀ ڪجهہ ٿيندو آهي؟ جيڪڏهن تون ان کي سچ ٿي مڃين تہ پلا ايترو تہ ٻڌاءِ تہ تنهنجي جيون ۾ گهڻا ماڻهو تنهنجي روپ تي متوالا ٿيا آهن؟ ۽ روپ جو واسطو تہ وسنا سان ئي ٿيندو آهي نہ؟ ۽ واسنا جي ترپتي ڇا هڪ ئي هنڌ ٿيندي آهي! جي ائين نہ آهي "هڪ" جڏهن فقط ٻئي "هڪ" کي ئي چاهيو آهي تہ اها واسنا ڪيئن ٿي؟

چندا، دنيا ۾ روپ ئي سڀ ڪجهه نه آهي، پر تولاءِ جيڪڏهن اهو روپ ئي سڀ ڪجهه آهي ته پوءِ اهو به ڄاڻي ڇڏ ته دنيا ۾ روپ جي ڪمي ڪانهي. دنيا ۾ تون ئي اڪيلي روپوتي نه آهين ۽ جنهن ڳالهه جي ڪمي نه هوندي آهي، ان جو ملهه به ڪجهه گهٽ ئي رهندو آهي.

تو مونکي سمجهيو ئي ڪونهي. چندا! اصل ۾ تو وٽ منهنجي اهميت ان ڪري نه آهي، ڇاڪاڻ جو موجون جهڙي جيون ساٿي پائڻ لاءِ تو ڪڏهن به ڪا محنت نه ڪئي آهي، جاکوڙ نه ڪئي آهي. ليڪن جنهن ڏينهن تون ان لاءِ محنت ڪندينءَ. ان ڏينهن ئي تون منهنجو مُلهه به ڄاڻي ويندينءَ. مگر ڪهڙي خبر ان وقت مان ڪٿي هوندس.

هڪ شخص پارس پٿر جي ڪوج ۾ نڪتو هو. هن جي ڳچيءَ ۾ لوهه جو هڪ هارا پيل هو. هو جبل ٽڪر جهاڳيندو، ڏينهن رات خاڪ ڇاڻيندو، ڌرتي آسمان هڪ ڪندو رلندو رهيو. پارس جي تلاش ڪندو رهيو. هن طرح طرح جا پٿر ڏٺا هڪ هڪ پٿر کي هن گلي ۾ پيل لوهي هار سان لڳائي ڏٺو ليڪن هار سونو نه ٿيو. نيٺ هو ٿڪجي پيو. هو پوءِ به پٿرن کي ڪٽي ڏسندو هو پر انهن ڏانهن نهاري ٺهڪن ۾ اچي ڇنڪندو هو ۽ پوءِ انهن کي اڇلائي ڇڏيندو هو. هينئر هو ڪنهن به پٿر کي لوهي هار سان ڪو نه لڳائيندو هو. پر هڪ ڏينهن اوچتو هن جي نظر ان لوهي هار تي وڃي پيئي. ڏٺائين ته اهو سونو بڻجي ويو هو. هو جنسي ديوانو بڻجي ويو ۽ انهيءَ ديوانگيءَ جي حالت ۾ واپس پيو. هو وري به هڪ هڪ پٿر کڻي ان کي جاچڻ لڳو آزمائڻ لڳو، مگر هن کي پارس پٿر هٿ نه آيو.

چندا، انساني دل به ائين آهي. گلن جي پنکڙين تي شبنم جا موتي تو ضرور ڏٺا هوندا. اهي ڪهڙا نه سهڻا ٿيندا آهن! پر انهن جو ملهه ڪونهي، ڇاڪاڻ جو اُهي آسانيءَ سان پائي سگهجن ٿا.

تون .. منهنجي مُلهه ڪٿڻ کان قاصر آهين، ڇاڪاڻ جو توکي

اڃا محنت ڪرڻي ڪا نہ پيئي آهي، جاکوڙ ڪيڏي نہ پيئي آهي، مگر جنهن ڏينهن تو اها جاکوڙ ڪرڻ لاءِ گلي ۾ لوهي هار پاتو ۽ اهو سونو بڻجي ويو، تڏهن تون ماضيءَ جي راهن تي ٻڪون پائيندينءَ.... شيام شيام پڪاريندين... ليڪن ان وقت تنهنجي اها پڪار بيسود هوندي، بيڪار هوندي!

اڄ مان ان ڪشتيءَ جيان آهيان جا وچ ساگر ۾ طوفان ۾ ڦاٿل آهي اها ڪناري لڳندي يا نہ. مان ڪيئن چوان، ڊير پيا. درست ٿيا.... هتي نہ هلندو منهنجي جيون ۾ استريءَ جي ڪوٽ آهي. ان ڪوٽ جي پورائيءَ لاءِ مان ڇڻ ڇڳن ڪان تڙڦندو رهيو آهيان. مان ڪنهن کي پائڻ چاهيان ٿو. پنهنجو بنائڻ چاهيان ٿو. ائين چاهيندي بہ ڪنهن کي پائي سگهندس يا نہ، اها بنهہ الڳ ڳالهہ آهي.

زندگيءَ جي اها ڪيڏي نہ وڏي ٺٺولي ٺٺبي جو جنهن کي نہ چاهڻجي نہ سچاڻجي، جيون سفر ۾ ان کي پنهنجو جيون ساٿي بڻائجي، ليڪن مان سوچيان ٿو ان ۾ کهڙي برائي آهي. دماغ ۽ دل جي جيڪا ڪوٽ آهي، ان جو پورائو جيڪڏهن پتنيءَ نہ ڪيو تہ ڪتاب ڪري سگهن ٿا. ڪلا جي ساڌنا سان بہ ان جي پورائي ٿي سگهي ٿي. هن کي مان پريم پلي نہ ڪري سگهان، ليڪن ڪا تہ هوندي جنهن کي مان پنهنجو سمجهندس. جنهن کي منهنجي جذبن جو قدر هوندو. جيڪا منهنجي ڳالهہ تي "حاضر" چئي مونکي سهارو ڏيندي. ان وقت تون جڏهن ماضيءَ جي راهن تي ٻڪندينءَ. تڏهن مان هڪ اهڙي حسين عورت جي دنيا ۾ گم ٿي ويو هوندس، ان وقت تون چاهيندي بہ مونکي پائي نہ سگهندينءَ. مان هوندس ئي ڪو نہ تہ مونکي پائيندينءَ ڪٿان؟

تڏهن تنهنجي زندگي توکي هڪ نئون سبق پڙهائيندي:

ڊير پيا، پليا!

❊

# ڇهه

صبوح جو ساوتريءَ شيام کي ننڊ مان اٿاريندي چيو:

”ڇو اڄ آفيس ڪو نہ وڃبو ڇا؟“

شيام اڪيون کولڻ چاهيون پر کولي نہ سگهيو. هن سڄي رات جاڳندي گذاري هئي. پريشاني هن جي چهري تي صاف ظاهر هئي. ڏڪاري آواز ۾ چيائين: ”ڇا وڃي ڪبو ياپي؟“

ساوتريءَ کان شيام جي اها حالت سٺي نہ ويئي. هن جي پرسان ڪرسيءَ تي وهندي، ويدنا ڀريل آواز ۾ چيائين: ”ٻڌاءِ شيام، توکي ڇا ڪيپي؟ تون ايترو پريشان ڇو آهين؟ ڪهڙي ڳالهہ آهي جا توکي اندر ئي اندر پيئي پيڙي؟

”جيڪي ڪيپي ياپي، اُهو ملندو ڪو نہ ۽ هڪ ٻي بہ ڳالهہ آهي.“

اکيون کولڻ ۾ پيڙا ٿيندي بہ هن جيئن تيئن انهن کي کولي چيو:

"جيڪي ڪپي، اهو گهري ونڻ ۾ سونهن نہ آهي، پريم بکيا نہ آهي."
پوءِ ڦڪو ڪلي چيائين: "باقي غم! سو تنهن جي چوڻ موجب ہ چار شعر لکي ڪيڍي ڇڏيندس، ان کي چوندس: غم! تون قلم ۾ پرجي وڃ، قلم کي چوندس: قلم! تون ان غم کي پني تي اوتي ڇڏ ۽ پني کي چوندس: پنا، تون ان غم کي سويڪار ڪر." ۽ شيام پوءِ هڪ آسپاويڪ وڏو ٿهڪ ڏنو.

شيام کي ائين ڪلندو ڏسي ساوتريءَ جو منهن لهي ويو.

ٻئي ڪمري مان سڳن جو آواز آيو "شيام ڪهڙي ڳالهہ آهي جو هينئن صبح سان هيڏا ٿهڪ ڏيئي رهيو آهين؟"

"پرائيويٽ ڳالهہ آهي."

"مون لاءِ بہ؟"

"تو لاءِ ئي."

"ڪهڙي ڳالهہ آهي، ساوتري؟"

"شيام آفيس نٿو وڃي."

سڳن اُن وقت ڏاڙهي پئي لاٿي، اڌ ڪوڙيل ۽ اڌ صابڻ لڳل ڏاڙهيءَ سان ڪمري ۾ داخل ٿيندي شيام کي مرڪندي ڏسي پڇيائين، "طبيعت تہ ٺيڪ آهي نہ؟"

"پاپي سڀ ڄاڻي ٿي."

"۽ ڄاڻندي بہ خاموش آهي؟"

"غنيمت آهي."

"اصل ائين!" سڳن هينئر ساوتريءَ ڏانهن نهاريو. ساوتريءَ پتي ڏانهن سڌو نہ نهاري چيو: "شيام کي اڄ ڪلهہ سپنا اچڻ لڳا آهن."

سڳن چيو: "سپنا تہ سيني کي ايندا آهن، اڄا رات مون سپنو ڏٺو آهي تہ مان آفيس ۾ هيڊ ڪلارڪ بڻايو ويو آهيان."

هينئر ساوتريءَ کان بہ ٿهڪ نڪري ويو.

سڳن چيو: "خير نٿو وڃي تہ ڇڏينس. ڪڏهن ڪڏهن دل نہ

معلوم ٿيو ته سست ٻڌجي ويندي آهي، ڪجهه به ڪرڻ پڇندو آهي، آفيس ۾ مڪيون ڪو نه وچي ماريون آهن، ڪم ڪبو آهي، تنهن کان سواءِ اهي موڪلون رکيون ڇا لاءِ اٿن؟ انهيءَ لاءِ ته ڪڏهن صحت يا طبيعت خراب ٿئي ته آرام ونجي.“ ٿورو ترسي وري ڪلي چيائين:

”چڱو، اڄ مان به آفيس نٿو وڃان.“

”توهانکي وري ڇا ٿيو؟“ ساوتريءَ ذار حيرت وچان پڇيو.

شيام به چيو: ”تون ته بلڪل نيڪ آهين.“

”ليڪن تون جو نيڪ ڪو نه آهين.“

”چڱو مان به ٿو آفيس....“

”نه نه، منهنجو مطلب....“

”ڇا مان اهو نٿو ڄاڻان؟ پر سستي چڱي نه آهي، هڪ فيلسوف چيو آهي ته سستن کي وديا ملي نه سگهندي، اوديا سان ڌن ملي نه سگهندو نرڌن کي متر ملي نه سگهندو ۽ متر کان سواءِ سک ملي نه سگهندو.“

”متر بنا سک نه ملندو اهو سچ آهي.“ ساوتريءَ چيو: ”وديا بنا ڌن نه ملندو اهو به سچ آهي، ليڪن ڌن بنا متر نه ملندو دنيا ۾ ان کان وڌو ڪوڙ بيو ٿي نٿو سگهي، جيڪي متر ڌن سان ملندا آهن، تن مان سک ملي نه سگهندو آهي، اهو به سچ آهي.“

شيام اٿي پيشانيءَ تي پکريل وارن کي هٽائي چيو: ”يا پي، تنهنجي آلوچنا بلڪل صحيح آهي، ليڪن انهيءَ فيلسوف به ڪوڙ ڪو نه چيو آهي، جيون ۾ پرش لاءِ استريءَ کان وڌو متر بيو ڪو ٿي نٿو سگهي، ليڪن پرش پاڻ استريءَ جو متر فقط تڏهن ٿو بڻجي جڏهن هو ان متر سان ڪنو ڪجهه ڏوکر به پائي ٿو. اها حقيقت نه هجي ته اسان جي شبد ڪوش ۾ جيڪر ”ڏيتي ليتي“ جو لفظ ئي نه هجي.“

”اها بلڪل الڳ ڳالهہ آهي ۽ ان ۾ گهٽي ياڳي ڪوڙ آهي. هڪ تہ پئسي جي اها تقاضا صرف پرش ڪندو آهي، ٻيو تہ سڀ پرش اهڙي تقاضا نہ ڪندا آهن. منهنجي چوڻ جو اهو مطلب نہ آهي تہ استريون ڪڏهن بہ پئسي جي لوڀ ۾ نہ ڦاسنديون آهن. پرشن مان جيڪي بہ پئسي جي لوڀ ۾ ڦاسندا آهن، سي اهي ئي هوندا آهن جن لاءِ استري هميشہ بوجو بڻي ٿي رهي، ليڪن اهو بوجو صرف اسانجي ديش ۾ ڇو آهي، باقي دنيا ۾ ائين ڇو نہ آهي،“ ڳالهائيندي ڳالهائيندي ساوتريءَ جو آواز ذرا تيز بڻجي ويو هو.

”باقي دنيا جا پرش استريءَ کي پئسي کان وڌيڪ اهميت ڏيندا هوندا...“

شيام هن جي سوال جو جواب ڏيندي چيو: ”انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ پرش جي جيون ۾ پئسي کي وڏي جڳهہ آهي، ليڪن جنهن جيون لاءِ ڪيس ان پئسي جي ضرورت آهي، خود اها جيون استريءَ کان سواءِ مڪمل نہ آهي، پنهنجي اڌپوري جيون کي پورڻ بنائڻ لاءِ ئي هو استريءَ کي اپنائي ٿو. سو جيڪا جيون جو پورائو آهي، ان کي بوجو ڪيئن ٿو چئي سگهجي! ياپي، اسان جو ديش تہ ڇٽيهن ڪروڙن ديوتائن جي ڀومي آهي، هتي جا ماڻهو بکون ڪڍي بہ پراچين ڪال کان چالو ريتن رسمن کي قائم رکندا ٿا اچن. هنن جا شاستر چون ٿا تہ ائين نہ ڪرڻ سان هنن کي سرڳ نصيب نہ ٿيندو. ان ڪري جيڪي پرش لوڪ پرلوڪ جو خيال رکڻ ٿا چاهين، اهي تہ ڏيتي ليتيءَ جهڙي رسم کي ضرور همٿائيندا ئي. ان لاءِ اهي استريءَ کي پاڻ مٿان ”بوجو“ بہ ظاهر ڪندا. پراچين ڪال جي ان روايت جو شان بلند رکڻ لاءِ هو ائين بہ چوندا تہ شاديءَ بعد پرش اڳيان استريءَ جي پيٽ پالڻ جو جيڪو سوال پيدا ٿو ٿئي، ان لاءِ هن جي زندگي ڀر جي راشن ۽ ڪپڙي لٽي وغيره جي خرچ جو ڪجهہ حصو استريءَ جي مائٽن کي بہ تہ ڏيڻ کپي نہ!“ پوءِ ٿهڪ ڏيئي اٿندي چيائين: ”ياپي

ائين نہ سمجھہ تہ من ۾ جنهن ڳالهہ جو غم اٿم. اهو مان ديس واسين جي ننڍا ڪرڻ سان ڪڏهن ٿو چاهيان. سستيءَ کان شروع ٿياسين ۽ اڃا ڏيتي ليتي تي پياسين. اتي بہ جي پاڻ ۾ نہ روڪيوسين تہ شايد ديس جي پرانتڪ جهيڙن, بدانتظامي, مذهبي ڀيد ڀاءُ ڇوت ڇات, بک ۽ بيروزگاريءَ تي ڳالهائيندي ڳالهائيندي هن ڪڙڪيءَ مان سج کي غروب ٿيندو ڏسنداسين... جيڪو درشن هوڻ لوڪل جي ڪڙڪيءَ مان ڏسندو آهيان. پاپي تون جلدي نيرن تيار ڪر. تہ مان بہ اجهو ٿو تيار ٿي وڃان.“

ايترو چئي شيام پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو.

”اڙي, منهنجي ڏاڏهي!“ ائين چئي سڳن بہ اتان وڃڻ لڳو ليڪن وري ڪو خيال ايندي پوئين پير موٽي آيو ساوتريءَ جي ساڄي ڪلهي تي هٿ رکي ان کي ٿورو زور ڏيندي چيائين: ”ڇا خيال آهي؟ اڄ جي آفيس نہ وڃان تہ؟“

ساوتري گهوٽ جو هٿ هٽائي, مرڪي چيو: ”تہ ڇا؟ وڃڻو ئي پوندو.“

شيام ۽ سڳن جي آفيس وڃڻ بعد ساوتريءَ چندرا کي لکيو:

”ڪالهہ مون جڏهن شيام کان پڇيو تہ هن اهو سڀ ڪجهہ ڇو ڪيو تہ هو بلڪل چپ رهيو. ڪو بہ جواب ڪو نہ ڏنائين .هو طرح طرح جا بهانا بنائي سگهي ها, پر بهانا بنائڻ هن جي عادت ۾ نہ آهي, ايترو سوچيائين تہ پاپي تنهنجي نالي ۾ چنيون لکي وڏو پاپ ڪيو اٿم.

ڪالهہ سڄي رات هن پاسا ورائيندي گذاري, وچ وچ ۾ درد وچان ڪرڪيو بہ پئي. مان چپ چاپ اٿي شيام جي ڪمري جي در وٽ وڃي بيٺس تہ ٻڌم, هو وري وري چئي رهيو هو:

”عشق ناهي راند!“

مان سڄي رات بستري تي ليٽي سوچيندي رهيس. ڇا اهو سڀ

صحيح آهي! جڏهن زندگي هڪ کيل آهي تہ عشق راند ڪيئن نہ ٿيو؟ زندگيءَ ۾ اسين ڇڱو لڳو سوچيئي اڳتي وڌون ٿا. ٿپ ٿپ تي پنهنجي نفعي نقصان جو ويچار رکون ٿا. جڏهن ڪٿي ڪنهن سان ٽڪر کائون ٿا تہ هار جيت بابت سوچيون ٿا. جيون کي سڦل بنائڻ جي ڪوشش ڪرڻ، ٻين لفظن ۾ جيت جي چاهنا رکڻ آهي. جڏهن جيون ڪشمڪش جو ٻيو نالو آهي تڏهن ان ۾ هار جيت تہ سياويڪ رهندي ئي، پريم ۾ بہ پائڻ چاهبو آهي، وڃائڻ نہ. سينگارڻ ئي چاهبو آهي، جيڪڏهن وڃائڻ يا بگڙجڻ جو اهو ٻيو پهلو نہ هجي تہ پوءِ ڪير بہ ڪنهن کي پائڻ لاءِ سنگهرش ڇو ڪري؟ سينگارڻ لاءِ بيتاب ڇو رهي؟ عشق راند ئي آهي. باقي سوال آهي چال جو. شطرنج راند تو ٻڌي هوندي. شايد ڪڏهن ڪئي بہ هجيئي. ان ۾ رمز کان ئي ڪم ونبو آهي، ليڪن ان ۾ رمز پنيان ڪو بہ پاپ نہ هوندو آهي. پيار جي راند بہ شطرنج جي راند جيان ئي آهي. شطرنج راند جي رس جو تعلق دل سان، ۽ ان ۾ چال جو تعلق ٻڌيءَ سان رهندو آهي، چال پنيان جيتري وڌيڪ رمز هوندي آهي، اوترو ئي راند مان وڌيڪ رس ملندو آهي، ساڳي طرح جيڪي ماٺو پيار ۾ ٻڌيءَ کان ڪم وٺن ٿا، انهن جي دلين کي بہ ان پيار مان اوتروئي وڌيڪ لطف حاصل ٿيندو آهي، ان جي مستيءَ مان جيڪا جهوم پيدا ٿيندي آهي، ان جو سبب بہ کيل جي هار ۽ جيت سان ئي رهندو آهي.

زندگيءَ ۾ ذري ذري تي پاپ ۽ پيچ جي چرچا وني ويهڻ هلڪائي آهي. شيام پلي ان رمز کي پاپ سمجهي مگر مان ان کي پاپ نٿي سمجهان. پاپ ۾ فتويٰ ڏيڻ کان اڳي اسان کي ڏسڻ گرجي تہ ڪنهن پاپ "ڇو" ڪيو ۽ "ڇا" سوچي ڪيو. ان "ڇو" جهڙي پنيان لڪل ڪارڻ ۽ "ڇا" جي پنيان لڪل ڀاوناڻن کي ڏسڻ بعد ئي ڇئي سگهجي ٿو تہ جنهن کي پاپ سڏجي ٿو ان لاءِ ڪير ڪيتري قدر جوابدار آهي.

منهنجي ويچار موجب شيام بلڪل نشپاپ آهي... مان نشڪام نٿي چوان، هن دنيا ۾ نشڪام ڪير آهي؟ مان توکي پتر لکان ٿي، ڇو تہ تون منهنجي سکي آهين. سکيءَ کي پتر لکڻ ۾ آنند ايندو آهي.... ايندو آهي نہ؟ پتر لکڻ ۾ جيڪڏهن اهو آنند نہ اچي، تہ دنيا جون اڌ ڪان وڏيڪ ٽپال آفيسون جيڪر بند ٿي وڃن. هر ڪو جڏهن پنهنجي ئي آنند بابت سوچي ٿو تہ پوءِ ڪير بہ نشڪام ڪيئن سڏبو!

اڄ صبوح جو شيام جو مزاج خراب ڏسي مون جذبي وچان هن کان پڇيو: "شيام، توکي ڇا کپي؟"

هن ڏکاري آواز ۾ وراڻيو "جيڪي کپي، اهو ملندو ڪو نہ. ٻي ڳالهہ تہ جيڪي کپي اهو گهرڻ ۾ سونهن نہ رهندي" ڪن رکي وري چيائين: "پريم بکيا نہ آهي."

ڪالهہ تنهنجي خط پڙهڻ بعد چيومانس: ياٺي، تون تہ شاعر آهين، بہ چار شعر لکي غم کي ڪڍي سگهين ٿو. اڄ صبوح جوان تي ٺٺولي ڪندي چيائين: "اڄ آفيس کي رهڻ ڏي يايي، باقي غم! غم کي چوندس: تون قلم ۾ پرجي وڃ. قلم کي چوندس، قلم، تون ان غم کي پني تي اوتي ڇڏ. پني کي چوندس، پنا، تون ان غم کي سويڪار ڪر."

مان سوچيان ٿي تہ مونکي روئڻ نٿو اچي، مان نہ هجان ها تہ اهو سڀ ڪجهہ ڪڏهن ڪو نہ ٿئي ها. هن جيڪي ڪيو آهي ۽ جنهن نموني ڪيو اٿس تنهن تي ڏک ضرور اٿم. ليڪن افسوس نہ. هن جيڪي ڪيو آهي ان ۾ رمز ضرور آهي، مگر پاپ نہ.

ساوي

قلم تازو: تنهنجي ماسي تہ هاڻي اسان جي پاڙي ۾ اچي رهي آهي. هتان گهمي چونہ ٿي وڃين؟ ڏاڍي خوش ٿيينديءَ. امتحان ۾ ب اڃا چڱو عرصو پيو اٿيئي. تون جيڪڏهن شيام کي هڪ دفعو روبر

ڏسين تہ ڪڏهن بہ ائين چئي نہ سگهنديون تہ اهڙو هميشہ مرڪندڙ شخص پاپ ڪري سگهي ٿو.

سڪي، جيون ۾ اهڙا شخص آسانيءَ سان يا ڳولڻ سان ڪو نہ ملندا آهن. اهي جيون جي واٽ تي اتفاق سان ئي گڏجي ويندا آهن...“

ان ڏينهن شيام جڏهن اسپتال ۾ پهتو تہ سامهون ڀت تي ٽنگيل پوسٽر مان باندر ڏانهن نهاري زور سان ٺهڪ ڏنو. هونءَ روز ان پوسٽر ڏانهن ۽ ان ۾ ڏند ڪڍي بيٺل باندر ڏانهس نهاريندي شيام ائين سمجهندو هو تہ اهو باندر کيس پنهنجا وڏا وڏا ڏند ڏيکاري چئي رهيو آهي تہ ڏندن جي مضبوطيءَ لاءِ ميوو کائڻ تمام ضروري آهي، پر اڄ شيام جيئن باندر ڏانهن نهاريو تہ ائين محسوس ڪيائين تہ هو کيس چئي رهيو آهي: پريم جي آگ ۾ جلڻ لاءِ ٺوڪر کائڻ ضروري آهي.

شيام اسپتال جي لنبي ورانڊي مان هلندي هلندي سوچڻ لڳو: ٻنهي پاسي باهہ هجي تہ آتما کي شانتي بہ ملي. هتي تہ هڪ طرفي آگ آهي، مون چندرا کي ڪلپنا ۾ ئي پنهنجو بنائي سندر جيون جا مٺڙ سپنا ڏنا ۽ هاڻي جڏهن اها ڪلپنا ٽٽي ويئي آهي، تڏهن جيون ٻنهہ اسندر ٻيئي پاسي، پريم پلي ڪجي، مگر سندر سپنا لهڻ نہ گهرجن. جيئن پريم جو سپنڊ ڪنهن وقت ٽٽي بہ پوي تہ اهي سپنا آتما کي پريشان نہ بنائين ۽ ان ٽٽل ڪلپنا جي چوٽ جيون کي ڦڪو ۽ بي رس نہ بنائي. هر حال ۾ سوچڻ پنهنجي آتما جي شانتيءَ بابت ئي گهرجي. پوڄاري جيڪو پنهنجي ديوتا کي راضي ڪرڻ چاهي ٿو سو بہ پنهنجي آتما جي شانتيءَ لاءِ، هر ڪنن جو صرف پاڻ ۾ ئي موهہ رهي ٿو ۽ پنهنجي آتما جي شانتيءَ لاءِ ئي ٻين ۾ موهہ رکي ٿو. ان ڪري جڏهن پاڻ مان ۽ ٻين مان موهہ نڪري ٿو وڃي تہ آتما اشانت ٻڻجي ٿي وڃي، اهو جيون جو هڪ اهم سچ آهي، پر صرف ان سچ کي پڪڙڻ وهڻ مان ئي آتما کي شانتي ڪا نہ ٿي ملي. جتي سوڙهہ

هجي اتي سري پري جاءِ ڏيڻ گهرجي. ٻئي کان سهڪار وٺڻ ۽ ٻئي کي سهڪار ڏيڻ کانسواءِ پنهنجو پلو ڇڏي نٿو سگهي، ان ڪري جيڪڏهن ڪير پاڻ کي ڪنهن مشڪلات ۾ وجهي ڪري ٿو ته به پنهنجي پلي لاءِ، پنهنجي سوارٿ لاءِ. ان ۾ هن جي شخصي ڀلائي يا سوارٿ نه هوندو ته ملڪ يا سماج جي ڀلائيءَ جو سوال هوندو. ان حالت ۾ به ان کي سوارٿ ئي سڏبو. ڇو جو هو جيڪي به ڪري ٿو پنهنجي آتما جي شانتيءَ لاءِ ئي ڪري ٿو. ملڪ ۾ قوت آهي اهو ڏسي ڪنهن جي آتما اشانت ٿي ٻڌجي ۽ هو پنهنجي ان اشانت آتما کي شانتي ڏيڻ لاءِ ئي ايڪتا جا راڳ ٿو ڳائي، پنهنجي آتما جي شانتيءَ لاءِ هو پاڻ کي مشڪلات ۾ وجهڻ لاءِ به تيار ٿي ٿو وڃي. دنيا ۾ ڪو به شخص جيترو ئي مهان آهي، اوترو ئي هن جو سوارٿي هئڻ به لازمي آهي، سوارٿي جيترو سوڪيمر هوندو، مهانتا اوتري اوچي هوندي. سوارٿ ۽ سهڪار معنيٰ به ڪنارا ۽ هڪ پل. سوڙهه ۾ سَري پري جڳهه ڏيڻ سان ئي جيون جو ڪٺن سفر طئي ڪري سگهبو ليڪن...

ڪاش، چندرا جيون جو اهو رهسيه ڄاڻي سگهي! لکڻ لاءِ ته مان هن کي لکي ويو آهيان ته ڪنهن نه ڪنهن کي پنهنجي جيون ۾ آڻي ڇڏيندس، ليڪن مون لاءِ اهو ڪيترو نه آسيا ويڪ. ڪيترو نه ڪٺن آهي، سڄي سنسار ۾ ساوتري پاپيءَ کانسواءِ ٻيو ڪير نٿو ڄاڻي....

"اڙي پائي، خير ته آهي!"

شيام ڏاڪڻ چڙهندي پنهنجي مترپنجابي ڪلارڪ سان وڃي ٽڪريو هو.

"معاف ڪج پائي."

"اڄ ڪجهه پريشان پيو معلوم ٿين؟"

"جيون آلوچنا جي وشيه آهي."

"ته هلون ڪافي هائوس ۾؟ ٻڌائيندين ڪي شعر. ڪا ڪوتا."

"ڇا تو مونکي ڇوويهه ڪلاڪو شاعر سمجهيو آهي."

# سَت

اونداهي.... طوفاني رات!

شمشان ڀوميءَ ۾ شيام جو لاش چڪيا تي رکيو آهي. مساڻي هن جي چپن تي تلسيءَ جو پن رکي، هن جي وات ۾ گيهه وجهڻ تي آهي جو اوچتو پريان هڪ درد ڀري پڪار ٿي اچي ۽ هڪ نوجوان استري مجموعي کي چيريندي مساڻيءَ ڀرسان پهچي، هن جي هٿ کي جهلي چوري ٿي: هن جي وات ۾ ڪجهه به نه وجهو ۽ پوءِ هوءَ لڄ شرم جا سڀ بنڌڻ ٽوڙي هيٺ جهڪي شيام جي چپن کي چمي ٿي...

قدرت کي شايد اها ڳالهه نه وڻي.

طوفان آيو. وڄون ڪڙڪات ڪري پرٿويءَ کي ڪنبائڻ لڳيون. بادل گرجيا ۽ گرجي گرجي وسڻ لڳا. شيام جي چڪيا چوڌاري

بيٺل ماڻهو اجهي لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ لڳا.
هان....
هي ڪهڙو چمتڪار!
هي ڪهڙو جادو!
شيام زنده ٿي ويو آهي!
هو اٿي وينو آهي ۽ پنهنجي پرسان بيٺل استريءَ کان پڇي ٿو: تون ڪير؟
”چندا!، تنهنجي چندا، سڄي سموري تنهنجي!“
پل پر جو جادو ختم ٿي ويو. ٽٽندڙ ستاري جي شعاع جيان اهو سڄو نظارو شونيه ۾ گم ٿي ويو.
شيام ڇرڪ ڀري سپني مان جاڳي پيو....
سڀ ڪوڙ!
سڀ مٿيا!
شيام پريشان ٿي چيو: ”وچ وچ، او چندا هيئن سپنن ۾ اچي پريشان نہ ڪر، اچڻو اٿيئي تہ سامهون اچ....سنمکہ اچ، باقي سپنن ۾ اچي ”سڄي، سموري تنهنجي آهيان.“ جو ناٽڪ نہ ڪر.
وچ منهنجي سپنن جي راڻي!
توکي منهنجي سپنن جي رنگينيءَ جو قسم آهي، وچ! ڀلا ٻڌاءِ تہ، منهنجي سپنن ۾ اچڻ مان توکي ڪهڙو لطف ٿو ملي؟ ڇا توکي ڄاڻ ڪانهي تہ تون منهنجي سپنن کي جيترو ئي رنگين ٿي بنائين، انهن سپنن جي ٽٽڻ بعد مان اوترو ئي وڏيڪ جلان ٿو..وڏيڪ پڇان ٿو مون کي وڏيڪ نہ جلاءِ.....وڏيڪ نہ پڇاءِ، منهنجي سپنن ۾ اچڻ بند ڪري ڇڏ.
....ها، مان ڄاڻان ٿو تہ تون مون کي خواه مخواه پريشان بنائڻ ٿي چاهين. ڪنهن سڄاڻ خوب چيو آهي تہ حسين عورتون مردن کي فرقت جي آگ ۾ جلندو ڏسي بيحد خوش ٿينديون آهن، ڄاتم

سوارٿڻ، تہ تون پنهنجي خوشيءَ لاءِ ئي منهنجي سپنن ۾ ٿي اچين....

شيام صبوح جو بستري تان اٿيو تنهن کان اڳي هن دل ئي دل ۾ فيصلو ڪيو...

چندرا جو فوٽو ڦاڙي ڇڏيندس.

زخم جي علاج طور شاعري ڪرڻ صفا بند. رڳو فيلسوفي پڙهندس.

بستري تان اُٿي پهرين پهرين ديوار تان چندرا جو فوٽو لاهي ڦاڙي ڇڏيائين... پوءِ ڪتابن جي پيٽي کولي ”اسٽوري آف فلاسافي (Story of Philosophy) نالي وارو ڪتاب ڪڍيائين.

ڏينهن گذرندا ويا....

شيام اڀياس ۾ گم ٿي ويو. جيترو ئي گهڻو پڙهڻ لڳو اوترو ئي هن ۾ وڌيڪ پڙهڻ جي پياس جاڳڻ لڳي ۽ سندس آتما، وڌيڪ اترپت رهڻ لڳي. ان اترپتيءَ جي چڪر ۾ هو چندرا کي صفا ئي وساري ويو. ڄڻ اهو هڪ سپنو هو جو ٽٽي ويو هو جنهن جي ياد جهڪي ٿيندي، هينئر صفا بي معنيٰ بڻجي ويئي هئي. شيام جي حالت هينئر ان ساهت پريميءَ جهڙي هئي، جنهن هڪ ناول جي ڪردار ۾ روپ پاتي، ان جي ليکڪ کي چاهڻ شروع ڪيو هجي، پر پوءِ ڪنهن ٻئي ناول ۾ انسان جا انيڪ روپ ڏسي، پهرئين ناول جي ليکڪ کي ڀلائي ڇڏيو هجي.

۽ پوءِ اوچتو هڪ ڏينهن....

صبوح جا پوڻا نو لڳا هئا. گاڏي اچڻ ۾ اڃا پندرهن منٽ پيا هئا. شيام جي نئين زندگي جون عادتون بہ نيون هيون. انهيءَ نئين عادت انوسار تي هن اسٽال تي پهچي ڪئپسٽن سگريٽن جو پاڪيٽ خريد ڪيو. کيسي مان ماچيس ڪڍي تيلي دکايائين جو اوچتو هن جي نظر سامهون بينچ هڪ ڇوڪريءَ تي پيئي، جا يڪ ٽڪ ڏانهنس، نهاري رهي هئي. شيام ان نگاهہ سان پنهنجي نگاهہ ملائي، پر هن کي

الائي چا ٿيو هو جو هو ان نهار اڳيان جنسي سراپجي ويو. ٻيءَ گهڙي ۾ هن جي حالت ان شاعر جهڙي ٿيڻجي ويئي جنهن گهڻا ڏينهن اڳي هڪ ڪاغذ تي شعر لکي، پوءِ ان شعر کي ڀلائي ڇڏيو هجي ۽ جڏهن هو صفا نراس، ۽ نااميد ٿيڻجي ويو هجي تڏهن اوچتو هڪ ڏينهن ڪيس اهو ڪاغذ وري ملي ويو هجي ۽ هو خوشيءَ وچان ڦاٿڻ تي هجي.

تيليءَ ڀرنديءَ ڀرندي شيام جو هٿ جلايو...

هن طرف شيام ڇرڪ ڀريو. هُن طرف ان ڇوڪري منهن ڦيري ڇڏيو.

شيام سوچڻ لڳو: هيءَ نهار ڪهڙي آهي!

اهڙي ئي نهار پائڻ لاءِ مان جڻ جڳن کان ڀٽڪندو رهيو آهيان، هن کي ڏسڻ سان ائين ٿو لڳي جڻ مون هن کي اڳي بہ ڏٺو آهي.

مگر ڪڏهن؟

ڪٿي؟

اهي ئي مرگهہ نيڻ، اهو ئي چندر مک، اها ئي چتچور چڳہ!

نهار ۾ پنهنجائيءَ جي اسيم ڀاونا.

چپن تي چنچل مرڪ.

بيني تہ ڪيئن آهي! جڻ چورڻ ٿي چاهي:

شيام، تنهنجي چپن جي مرڪ...

تنهنجي اکين جي شوخي.

تنهنجي جيون جو سنگيت مان ئي آهيان.

ٻئي ڏينهن بہ ساڳي طرح چند گهڙين لاءِ نگاهون مليون.

شيام ان ڏينهن آفيس ۾ ڪم ڪندي سوچڻ لڳو: اڄ منهنجو من هيترو پريشان ڇو آهي؟ منهنجي دل کي تہ ڪنهن ڪو نہ ڏکويو آهي؟ ڇا ان پريشانيءَ جو ڪارڻ فقط اهو آهي جو هن اڄ وري بہ مونکان منهن موڙي ڇڏيو؟ ليڪن هوءَ منهنجي ڪير ٿئي! ڇا هن مون

ڏانهن نهاريو ان ڪري منهنجي ٿي ويئي؟ پر پوءِ مان جڏهن هن ڪي پلائڻ چاهيان ٿو ته هن کي پلائي چو نٿو سگهان؟

هن جڏهن پهرين مون ڏانهن ڏٺو تڏهن جڻ ائين سوچي رهي هئي ته ڇا پاڻ مونکي سڃاڻي. يا شايد دل ۾ ائين سوچيو هجيس ته مان هن ڏانهن ائين پنهنجائيءَ سان نهارڻ وارو هوس ڪير. هن انهيءَ پهرين نهار سان جڻ ائين چيو هو: مان ته توکي ڪا نه ٿي سڃاڻان، ڇا تون مون کي سڃاڻين ٿو؟ ڇا تون مونکي اڳي ڪٿي ڏٺو آهي؟ مگر ڪڏهن؟ ڪٿي؟

۽ مون به هن کي نهار ئي نهار ۾ ائين چيو هو نه. ته ها، مون توکي اڳي به ڏٺو آهي. مگر ڪٿي، ڪڏهن....اهو چئي نٿو سگهان.

منهنجو من بيحد پريشان آهي!

ڇا ان ڪري جو هن اڄ به مون ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ منهن ڦيري ڇڏيو هئائين؟ يا ان ڪري، جو هن جي اڄوڪي نهار ائين ئي چيو: مان ته توکي ڪا نه ٿي سڃاڻان ۽ مونکي پڪ آهي ته تون به مونکي ڪو نه سڃاڻين ۽ جاڻ آهي نه پڇاڻ، تڏهن ھي اکڙين جو ملائڻ ڇا لاءِ؟

ها، منهنجي پريشانيءَ جو اهو ئي ڪارڻ آهي، مگر مون جو ڪيس نهار سان چئي ڏنو هو ته اسين اڳ جي جاڻ پڇاڻ رکون به ڇو؟ اسين اگر پنهنجي نگاهن جي جوڙ ۾ انيڪ جڳن جي گهرائي محسوس ٿا ڪريون ته پوءِ اڳين جاڻ پڇاڻ جي کوٽ محسوس ڪريون ئي ڇو؟

اڄ تون مونکان منهن ٿي موڙين، مگر اهو منهن موڙي ويندينءَ ڪيڏانهن؟ تو هڪ دفعو جو مونسان اکڙيون ملايون آهن ته مان هميشه تنهنجي سمرتيءَ جي راهه تي اها ئي نهار ڪٽي بيٺو هوندس ته تون منهنجي آهين، هينئر تنهنجو تن، من، آتما سيڪجهه منهنجو آهي، مون لاءِ آهي، تو لاءِ هينئر سڀ مان آهيان. ”مون“ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي، تون منهنجي نهار اڳيان منتر، مگڌ ٿي وبنديءَ ۽

چونديءَ چلاءِ نہ شانت رهہ.... مجيم، مان تنهنجي آهيان....سچي سموري تولاءِ ئي آهيان...

پر هن اڄ بہ منهن موڙي ڇڏيو. هن شايد سوچيو هجي، ائين ئي نيڪ آهي. ٻهرين ميلاپ، پوءِ ڪنارو. ٻهرين نهارجي پوءِ منهن ڦيري ڇڏجي. هن اهو ڪو نہ سوچيو تہ ائين منهن موڙڻ سان ڪير ترڇي بہ سگهي ٿو.

پنهنجائيءَ ڀري ان مرڪ لاءِ مان جڳن کان ڀٽڪندو رهيو آهيان. هن مون ڏانهن جڏهن ٻهرين نهاريو تہ مون ائين ئي محسوس ڪيو هو تہ مون کي پنهنجي منزل ملي ويئي. ڇپن کي مرڪ، اکين کي شوخي، جيون کي سنگيت ملي ويو.

ان پنهنجائيءَ واري مرڪ....جڳن کان سڃاڻپ واري ان نهار کي ڀلائڻ جي ڪوشش ڪندي بہ مان ڀلائي نہ سگهندس.

اڄ منهنجو من بيحد پريشان آهي، پر ان لاءِ مان هن کي ڏوهہ ڪيئن ڏيان. منهنجو پنهنجو ئي من تہ اهڙو آهي. پنهنجائيءَ ڀري هڪ مرڪ تي بہ چنچل ٿي ٿو اٿي.

اڙي من، توکي انهيءَ لاءِ ايڏي انن پياس ڇو آهي؟

ڇو..... ڇو؟

ٻڌاءِ ڙي من، تنهنجي اها ڪهڙي عادت آهي؟

❊

# ات

رات جو ڪير پيئندي شيام کي يڪايڪ خيال آيو. اها اسٽيشن واري ڇوڪري...هوءَ ته چندرا جهڙي پيئي لڳي!

ڪير جو گلاس هن جي هٿ مان ڇڏائجي پٽ تي ڪري ٽڪر ٽڪر ٿي ويو. شيشا ۽ ڪير چوڌاري پکڙجي ويا.

”ڇا ٿيو؟“ چوندي، ساوتري ڪمري ۾ گهڙي آئي، ليڪن شيام ان کان اڳيئي ڪمرو ڇڏي چڪو هو. هو پان واري جي دڪان تان سگريٽ جو پاڪيٽ وٺي سڌو سنسان رستي جي ٿلهي تي اچي ويٺو.

....برابر، لڳي ته چندرا ٿي. مينو سندس ماسات ٻه هميشه ساڻ هوندي اٿس، ليڪن چندرا هتي ڪيئن پهتي؟ هوءَ ته اجمير ۾ رهندي آهي! اُف...مان پاڻ کي هرويرو ڪيترو نه پريشان ڪري رهيو آهيان. هن چندرا جي ياد کي ڀلائڻ لاءِ مون فيلسوفيءَ جي اوٽ ورتي، ليڪن هن نئين چندرا جي ياد کي ڀلائڻ لاءِ مان ڪنهن جي اوٽ وٺان؟

پريم ۾ سڦل ٿيڻ اڳيئي، ان جي سڦلتا جون ڪلپنائون ڪرڻ نہ گھرجن. پريم جيستائين پورڻتا جي منزل تي نٿو پھچي، اوستائين وڏن وڏن اڏڪارن جي تقاضا بہ ڪرڻ نہ گھرجي. جيستائين هڪ ٻئي جي نزديڪ اچجي، هڪ ٻئي کي سمجھي، سڀاون کي ملائجي، مختلف ويچارن جو سنگم ٿئي تيستائين پريم سبنڌ کي ڪامياب سمجھڻ جھڙي ڀل دنيا ۾ ٻي ڪا نٿي سگھي.

مان اهڙي ڀل نہ ڪندس....

اسٽيشن تي وري بہ نگاهون مليون. شيام سامھون واري شخص جي نھار مان هن جي من کي پڙهڻ لڳو ڪيس ائين لڳو تہ هوءَ چئي رهي آهي: وڏي نٿو سگھين تہ وڏڻ جو خيال بہ نہ ڏيکار. نھارين ٿو تہ مرڪ بہ، پھرين نھار، پوءِ مرڪ، ڏس، اڄ مان مرڪي رهي آهيان، ڇا مون توکي انهيءَ مرڪ سان اڳتي وڌڻ جو نينڊ پتر ڪو نہ ڏنو آهي؟

ان نينڊ پتر ملڻ تي شيام دل ۾ فيصلو ڪيو تہ هاڻي رنگ ڏيکارڻ ئي گھرجي. پرش آهيان ۾ پرش تي اڳتي وڌي نہ سگھان. ائين ٿي نٿو سگھي، هن دفعي اڳيان وڌندس تہ هن کي پائي ئي رهندس.

ائين سوچيندو شيام وڌي هن جي اڳيان وڃي بيٺو.

”مان شاعر آهيان.“

”هئڻ بہ کپين.“ موٽ ۾ بہ مختصر جواب مليو.

”توکي ڏسندو آهيان، ڇا ان ڪري؟“

هن شخص پنھنجي ٽن ساهيڙين ڏانھن نھاريو. اهي ٽيئي اخبار ڏسڻ ۾ محو هيون. هينئر وري شيام ڏانھن نھاري آهستي چيائين، ”تنھنجي سپنن ۾ ايندي آهيان، ان ڪري.“

شيام جون واڇون ٽڙي ويئون، هٿ جوڙي چيائين، ”نمستي، مون کي توسان ملي بيحد خوشي ٿي.“

”مونکي بہ.“

شيام جو دماغ چڪر ڪائڻ لڳو. وڏيڪ ڇا چوي، ڪجھ بہ

سوچي نہ سگھيو. ائين محسوس ڪيائين تہ سندس اوسي پاسي ويٺل ماڻهو پاڻ ۾ ڳالهائڻ بجاءِ جڻ رڙيون واڪا ڪري وڙهي رهيا آهن. هن پاڻ کي سنڀالڻ خاطر منهن ڦيري سگريٽ دکايو تہ ايٽري ۾ پريان ڳاڙهي ايندي نظر آئي. هن شخص هينئر شيام ڏانهن نہ نهاريو. مينوءَ ڏانهن نهاريو.

”ڪير آهي، سچاٽينس؟“ مينوءَ هن کان پڇيو.

”تنهنجو ڪير ٿئي؟“ هيءَ پڇيس.

”ڪير بہ نہ.“

”ڪير بہ نہ؟“ تينءَ حيرت ڏيکاري.

”دنيا ۾ ڪير ڪنهن جو آهي!“ اهو چوندي هوءَ ڳاڙهيءَ ڏانهن وڌي.

ٻئي ڏينهن: شيام هن جي سنمک اچي ويٺو.

”ڪالهہ موڪلائي ڪو نہ ويس. ان جو سخت ارمان اٿم.“

”اها چوڻ جي ڳالهہ ڪونهي.“

اڄ مينوءَ اڳتي وڌي هن شخص کي چيو: ”چئينس، شعر ٻڌائي.“

هن شيام ڏانهن منهن ڪري چيو: ”چون ٿيون، شعر ٻڌاءِ.“

”چئين، شاعريءَ جي موڊ ۾ نہ آهيان، اهو اتر ٻڌي ان شخص شيام ڏانهن ائين نهاريو جڻ چيائين: ايتري ۾ تو منهنجو ايمان بہ ڪري ڇڏيو. مون تہ سمجهيو هو تہ تون مونکي پنهنجي ڪوتا جو روپ ٿو سمجهين. تون شاعر آهين ۽ مان استري آهيان. تون شاعر هوندي بہ اهو نٿو ڄاڻين تہ دنيا جي ڪل شاعري جو نچوڙ عورت آهي، هڪ استري تنهنجي سامهون ويٺي آهي ۽ توکي شاعريءَ جو موڊ نہ اچي! ها.... تو سچ پچ منهنجو ايمان ڪيو آهي!

”چڱو چئين ٻڌو.“ شيام مرڪندي چيو.

دل تي پٿر جي لڳي چوٽ

۽ زخم نہ ٿئي

خاموشي گفتگو بڻجي ۽
عيان راز نہ ٿئي؟
توکي پائي مون ستارن
جي جهان کي پاتو
حسن تصور ۾ اچي،
عرش تي پرواز نہ ٿئي؟

سامهون گاڏي نظر آئي. هن جون ساهيڙيون اڳتي وڌي ويون.

”اهو شعر اڳي لکيو هوءِ؟“

”ها“

”ڪڏهن؟“

”جڏهن توکي اڃا ڏٺو ڪو نہ هوم.“

هن مرڪيو.

”خبر هيم تہ تون ملندينءَ. توکي پڏائڻ لاءِ اڳيئي ناهي رکيو هوم.“

گاڏي پهچي ويئي.

مينوءَ پريان سڏ ڪيو ”چندرا، اچ نہ!“

”ها، آيس.“

تہ هي ئي چندرا آهي.

شيام جي پيرن هيٺان زمين کسڪڻ لڳي، چيائين، ”تون چندرا آهين؟“

”تڏهن تو ڇا سمجهيو هو؟“

مينو گاڏيءَ مان ٻہ دفعا سڏ ڪيو ليڪن تيون ڪري نہ سگهي.

گاڏي چرڻ شروع ڪري ڇڏيو هو. شيام گاڏيءَ کي ويندو ڏسي ائين محسوس ڪيو تہ چندرا هن کي تمام دور وڃي رهي هئي ۽ ويندي ويندي هوءَ ائين چوندي ٿي رهي، شيام، تون ڇا مون کي ڪا ٻي ڪا سمجهو هو.

”توکي ڇا ٿيو؟“ چندرا پڇيو.
”مان تو بابت ئي سوچي رهي آهيان.“
”مونکي ڇا ٿيو آهي؟“
”تون مونکان دور ڇو ڀڄي رهي آهين.“
”مان تہ تنهنجي سامهون بيٺي آهيان.“
”آتمڪ طرح تون مونکان دور ڀڄي رهي آهين.“
هن هلڪو ڪليو.
”ايترو جلد آتما جي ڳالهين تي پهچي وئين.“
”مان توکي وڃائڻ نٿو چاهيان.“
”مان تنهنجي ٻڌجڻ لاءِ سوين ميلن تان ڪهي آئي آهيان.“
”سچ؟“
”ليڪن تنهنجو پريم ڪهڙو!“
”نٿولي ٿي ڪرين.“
”ان ۾ ذرو بہ ڪوڙ نہ آهي.“
”اها منهنجي غلطي هئي.“
واهہ جو پريم آهي تنهنجو!“
”چندرا!“
”هٽ هرجائي!“ چندرا ٺهڪ ڏنو.

❊

# تو

تڪري، وقت، شام

”چوندا آهن، پريم، رنگ، روپ، ذات، مذهب ۽ طبقي ڪان متي ٿيندو آهي، ليڪن متي پهچڻ جي راهه ڪهڙي آهي، تنهن جي ڪنهن کي ڄاڻ به آهي، چندرا؟“

هوءَ چپ

”مان مڃان ٿو ته پريم ۾ ”هڪ“ ”ٻئي“ لاءِ گهڻو ئي تياڳي سگهبو آهي، پر ٻئي طرف ائين به آهي جو اڳتي هلي جن ڳالهين جو تياڳ ڪرڻو پوندو آهي، شروع ۾ انهن جو موهه پريم جي ٻوٽي کي اسرڻ ئي ڪو نه ڏيندو آهي.“

هوءَ اڃا چپ.

”مثال: هڪ ڇوڪريءَ جو ڇوڪري سان گهرو ناتو ٿي ٿو وڃي، پر ڇوڪرو وڌيڪ پڙهي نٿو سگهي ۽ ڇوڪري اڳتي پڙهي ٿي. ڇا اها ڇوڪري پنهنجي پريتم کي ان ڪري ٺڪرائي ڇڏيندي، ڇاڪاڻ جو هو ڪا خاص ڊگري حاصل ڪري نہ سگهيو؟ هرگز نہ، مگر هن جو جيڪڏهن ڪنهن سان گهرو ناتو نہ جڙيو آهي تہ پوءِ هو پاڻ کان گهٽ پڙهيل ڇوڪري سان ڪڏا ڇت شادي ڪرڻ نہ چاهيندي. ڇو جو سندس ڪلپنا ۾ جيڪو پرش رهيو هوندو اهو ضرور ڪانئس وڌيڪ پڙهيل هوندو. اڳلو گهٽ پڙهيل آهي، اهو ويچار ئي ڇوڪريءَ کي هن جي نزديڪ وڃڻ کان روڪيندو. ڇو؟ اهو بہ هڪ رهسيہ آهي، هر ڪا استري پتي، پريم ۾ ڪوهجي وڃڻ چاهيندي آهي. هوءَ هميشہ چاهيندي آهي تہ سندس پتي ڪنهن بہ حالت ۾ دماغي طرح ڪانئس گهٽ نہ هجي. پتي بہ رتيون ڪانئس مٿي هوندو تہ هوءَ وڌيڪ خوش ٿيندي. ڇو تہ استري ڪنهن پرش جي مٿان ڇانئجي وڃڻ جي ڀيٽ ۾ پرش جو پنهنجي مٿان ڇانئجڻ وڌيڪ پسند ڪندي آهي.“

هوءَ وڌيڪ خاموش رهي نہ سگهي، ڇيائين: ”ڪهڙي نہ عجيب ڳالهہ آهي! استريءَ تي هڪ استريءَ جي سامهون ئي پرش اهڙي آلوچنا ڪري!“

”پر پوءِ بہ اهو سچ آهي تہ استري پاڻ کان وڌيڪ دماغي لياقت وارو پرش ئي چاهيندي آهي، پسند ڪندي آهي.“

”۽ پرش؟“

”هو برابريءَ جو طلبگار رهندو آهي، جي برابري نہ هجي تہ هو پاڻ کان گهٽ لياقت واري استريءَ کي وڌيڪ پسند ڪندو آهي.“ پوءِ ڪلي ڇيائين: ”تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ بہ تعليم جي ڀيد جو جيڪو سوال آهي، ان جو حل تو وٽ ئي آهي، چندا! مان آهيان مئٽرڪيوليٽ، ۽ تون ٿيندينءَ بي-اي پاس.“

”ڇا دماغي لياقت جي ماپ فقط ڊگرين سان ٿي سگهندي آهي؟“

”مون تنهنجي زبان مان بس ايترو ئي ٻڌڻ ٿي چاهيو.“

ساڳيو وقت، ساڳي جاءِ، ڏينهن ٿورا پوءِ...

چندرا جي زبان مان پنهنجي ساوتري پاپيءَ جي تعريف ٻڌي شيام چيو: ”استري سچ پچ هڪ عجيب ۽ نه سلجهندڙ پرولي آهي، تون مون سان جنهن نموني پيش آئي آهين ۽ پاپيءَ اندران جيڪي ڪوششون ورتيون آهن، انهن کي ڏسي ئي مان ائين ٿو چوان.“

چندرا کلي چيو: ”چنڊ ۾ ڇا آهي، جيڪي اهو نٿا ڄاڻن انهن لاءِ چنڊ پرولي آهي. ساڳي طرح دنيا ۾ بيشمار ماڻهو آهن ۽ انهن لاءِ بيشمار پروليون آهن، ليڪن شاعرن صرف استريءَ کي ئي پرولي سڏيو آهي، سو بہ وري عجيب ۽ سلجهندڙ پرولي.... خوب!“

”ڇا اهو ڪوڙ آهي؟“

”دنيا ۾ فقط ٻہ پروليون آهن، هڪ پرڪرتي ٻيو منش، ٻئي عجيب ضرور آهن ليڪن انهن کي نہ سلجهندڙ سڏي نٿو سگهجي. منش پاڻ کي سمجهڻ ۽ سينگارڻ لاءِ ساهت جو نرماڻ ڪيو ۽ پرڪرتيءَ کي سمجهڻ ۽ ان جي رهسيہ کي کولڻ لاءِ منش وگيان جو آڌار ورتو. منش جا ٻہ روپ آهن: هڪ استري ٻيو پرش، حقيقت ۾ ٻئي پروليون آهن. توکي اها تہ ضرور ڄاڻ هوندي تہ راوڻ جڏهن سيتا کي لنڪا کڻي ويو تڏهن رام جي ڪهڙي حالت ٿي هئي ۽ هن ڪيئن نہ پتيءَ جي فرض پالڻ لاءِ راوڻ سان جنگ جوتي. ليڪن جنگ جوتڻ بعد، راوڻ کي مات ڪرڻ بعد، هن سيتا کي جيڪي چيو تنهن جي توکي ڄاڻ آهي؟“

”چوندي وڃ.“

”رام سيتا کي چيو تہ مون پنهنجو فرض پورو ڪيو هاڻي توکي جيڏانهن کپي اوڏانهن وڃ. سيتا اهو ٻڌي وائڙي ٿي ويئي. سبب پڇڻ تي رام ٿو هن کي چوي:

”مان اها ڳالهه ڪيئن مڃان تہ تون راوڻ وٽ هيترو عرصو رهندي پنهنجو ستيپڻو قائم رکي سگهي آهين! اهو اٿيئي ان شخص جو وهنوار جنهن کي اسين پڳوان ڪري سڏيندا آهيون.“

۽ حقيقت ڪهڙي هئي!

راوڻ جنهن کي ڏسندئي ڪنوارين ڇوڪرين جو مانسڪ طرح ستٽتي پوندو هو. جنهن کي ڏسي پتنيون پنهنجن پتين ۾ راوڻ جو روپ پائينديون هيون ان راوڻ لاءِ سيتا جو من هڪ پل لاءِ، هڪ ڪن لاءِ بہ ڏولائمان نہ ٿيو هو.

اهڙي سيتا کي ئي رام ڇيو جيڏانهن ڪيپئي اوڏانهن هلي وڃ.

اتي رام پرولي آهي!

۽ پوءِ آخر ۾ جڏهن رام سيتا کي واپس هلڻ زور ڪري ٿو مگر سيتا هن سان واپس موٽڻ جي پيٽ ۾، ڌرتيءَ ۾ سمائجي وڃڻ وڌيڪ پسند. ٿي ڪري، اتي وري سيتا پرولي آهي، ليڪن اها نہ ”عجيب“ آهي ۽ نہ ”نہ سلجهندڙ“ آهي. پرولي نہ سلجهندڙ صرف انهن لاءِ ٿيندي آهي جن ۾ ان کي کولڻ جي لياقت نہ هوندي آهي.“

هينئر شيام چپ.

”پرش جون خطائون معاف، توکي بہ سڀ ڪجهہ معاف. ليڪن اڳتي ڪڏهن بہ استري هڪ ”عجيب ۽ نہ سلجهندڙ پرولي“ آهي، ائين چئي پرش جاتيءَ جو اپمان نہ ڪج. دنيا ۾ شاعري اڪثر پرشن ئي ڪئي آهي، ان ڪري هنن جي رچنائن ۾ استري ڪجهہ وڌيڪ ئي چمڪندي نظر ٿي اچي. اها شاعري پرشن بدران استرين ڪئي هجي ها تہ معاملو بنهہ الٽو نظر اچي ها. ان حقيقت کي نہ سمجهي، جذبي جي وهڪري ۾ لڙهي، الٽيون سلٽيون ڳالهيون ڪري پرشن استرين ڏانهن جيڪو اچاترو رخ ڏيکاريو آهي، ان سان هنن پاڻ کي ئي کلڻ هاب ڪيو آهي، پنهنجي ئي هلڪائي ظاهر ڪئي آهي، جنهن پنهنجي ئي اهميت نہ جاتي آهي سو وتي ٻين جا ملهہ

ڪتيندو دنيا ۾ اها ڳالھ صرف پرش ڪندو آيو آهي!“
شيام اڃا بہ خاموش.
چندرا هلڪو کلي چيو ”هاڻي شاعر بند ڪري ناول لکڻ شروع ڪج. پرش جاتيءَ جي ٻڌيءَ جا دروازا کولڻ لاءِ هڪ شاهڪار لکج تہ استريءَ لاءِ صرف پرش ئي هڪ عجيب ۽ نہ سلجهندڙ پرولي آهي.“
”شايد“
”ليڪن ان جي اهميت ڪهڙي؟ استري نہ سلجهندڙ پرولي آهي، اها ڳالھ پرش جي ئي قلم مان نڪتي آهي. پرش بہ هڪ نہ سلجهندڙ پرولي آهي. اها ڳالھ جڏهن ڪنهن استريءَ جي قلم مان اچي تڏهن ئي ان ڳالھ کي ڪو وزن ملي سگهي ٿو.“
”اڄ هڪ پرش هڪ استريءَ جي زبان مان اهو سڀ ڪجھ ٻڌو آهي. شايد سياڻي ٻيون استريون قلم کڻي اها ڳالھ لکنديون ۽ پرشن کي اها پڙهڻي ئي پوندي.“
”تہ تو ڇا سچ پچ ناول لکڻ جو خيال ڪيو آهي.“
شيام اٿندي چيو ”اي پرشن جي نيڪ، نندا ڪندڙ ناري، هاڻي اٿ تہ هلون. اسان جي اهڙي ڪهاڻي ڪٿي آهي، جو ان جو هڪ ڪتاب ٿي سگهي.
چندرا شيام جو هٿ پڪڙي هن کي هيٺ وهاريندي چيو ”ڇو اسان ۾ اهڙي ڪهڙي ڳالھ نہ آهي جو ان جو ڪتاب ٿي نہ سگهندو؟“
شيام وري هيٺ وهندي چيو ”ڇو تہ اسان جي پريم ڪهاڻيءَ ۾ رچي پيدا ڪندڙ انتظار تہ آهي، اسان اڳيان ڪو سماجڪ مسئلو نہ آهي، اسان وچ ۾ ڪو رقيب ڪونهي.
اگر ڪو ليکڪ اسان جي ڪهاڻي لکي تہ نجاڻان ان جو انت ڪيئن ڪندو. باقي هن جيڪڏهن جيئن آهي تيئن فقط حقيقتن

جو چتر چٽيو تہ اهو ڪتاب پڪ ئي پڪ ناڪامياب ويندو.“

”تون اسان جي پريم، سپنڌ کي اهڙي گهٽ نظر سان نہ ڏس، شيام، ڇا اسان جي جيون جو دائرو اصل ايترو تنگ آهي جو ان مان ڪير بہ اتساهہ پائي نہ سگهي، زندگي آخر آهي ڇا؟ هار جيت، مرڪ لڙڪ، شوخيون ۽ بيتابيون، خوشيون ۽ پريشانيون! جيڪا ڪهاڻي ڪلائي، روئاري يا وسميءَ ۾ وجهي ٿي اها ڪهاڻي هر جڳ ۾ پسند پوندي، پلي ڪٿي زندگيءَ جا قدر بدلجندا رهن. وفا ۽ وشواس جو ميلاپ، آدرشن جي هڪجهڙائي، پاوناڻن جي سمانتا واري ڪهاڻي هميشہ پڙهندڙ جي انتر، آتما کي وڃي ڇهندي آهي، تنهنجي منهنجي ڪهاڻي بہ چنڊ تارن، ديون پرين يا طوطي مئنا جي ڪهاڻي نہ، هڪ انساني ڪهاڻي آهي، پر اها اڃا مڪمل ڪٿي ٿي آهي، اسان جي ديس اڳيان اڃا انيڪ مسئلا آهن. اسان سنڌين لاءِ تہ سنڌيت کي زنده رکڻ جو بہ مسئلو آهي....اڳيان اسين صرف سڌي ليڪ پڪڙي جيون ياترا پوري ڪنداسين، مونکي ان تي وشواس نٿو ٿئي، تون هڪ شاعر آهين، تون گل ۽ بلبل جي شاعريءَ کي الوداع ڪر ۽ مان تنهنجي باقي شاعريءَ جو اتساهہ بڻجڻ جي ڪوشش ڪنديس، رنگيني تنهنجي، موضوع منهنجا. ملڪ لاءِ، جاتي لاءِ ڪجهہ ڪري ڏيکاريو شيام.“

شيام جذبي ۾ اچي چندرا کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو.

”ناٽڪ ڇڏ.“ چندرا پاڻ ڇڏائيندي چيو.

”جيون خود هڪ ناٽڪ آهي.“

”ليڪن ان ۾ اسپاويڪتا لاءِ جڳهہ نہ آهي.“

”جي ائين آهي تہ دنيا ۾ ڪجهہ بہ آسپاويڪ نہ آهي.“

چندرا چپ.

سورج لهي ويو. چنڊ فضا ۾ ٽڏڪار پرڻ شروع ڪئي. چندرا اٿي کڙي ٿي. شيام بہ اٿندي چيو ”هيڏانهن چندرا.“

”چئہ.“
”قريب اچ.“
”زندگيءَ ۾ زوريءَ رنگيني پيدا ڪريون؟“
”جيون هڪ ڪويتا آهي، ان ۾ جيتري مڌرتا پري سگهجي اوترو سٺو.“
”ليڪن مڌرتا پرڻ لاءِ من ۾ چاهنا نہ هجي تہ؟“
”تو وٽ منهنجي جذبن جو قدر نہ آهي؟“
”اوستائين، جيستائين تو وٽ منهنجي جذبن جو قدر آهي.“
”تون پريم ۾ واپاري ريت هلي رهي آهين.“
”ائين ڪرڻ لاءِ تون ئي مجبور ڪري رهيو آهين.“
”تہ تون مجبور ٿين ڇو ٿي؟“
”سؤمان!“
”پنهنجن سان“
”جتي ايمان جو سوال آهي، اتي سؤمان جو جواب تہ رهندو ئي، ايمان پنهنجا بہ تہ ڪري سگهندا آهن.“
شيام چپ چاپ اڳتي وڌي چيو ”چڱو هل.“
ساجن کي رسندو ڏسي، هن کي پرڇائڻ جو ساڏن ڳولڻ لڳي، چندرا اڳيان وڌي شيام جي ڪلهي تي هٿ رکيو ۽ پوءِ بيهي رهي.
”ڇا ٿيو؟“ شيام روڪجي منهن پٺيان ورائي پڇيو.
”ٿڪجي پيئي آهيان.“
”گهر نزديڪ ئي آهي.“
”مونکي ڪٽي هل نہ!“
”چندرا....!“ شيام عجب ۾ پئجي ويو.
”ڏاهو آهين نہ!“
”جيڪي آسياويڪ آهي، سو برو آهي.“ شيام طعنو هنيو.
”يعني؟“

”يعني ناٽڪ ڪري رهي آهين.“

”جيون خود هڪ ناٽڪ آهي.“

”ليڪن ان ۾ اسپاويڪتا ڪي جڳهه نہ آهي.“

”جيون هڪ ڪويتا آهي، ان ۾ جيتري مڌرتا پرجي اوترو سٺو.“

”ليڪن مڌرتا لاءِ من ۾ چاهہ نہ هجي تہ؟“

”تہ...“

چندرا شيام جي گلي ۾ ٻانهون وجهي چيو:

”تہ بہ ائين منهن ڦيري هليو وڃڻ نہ گهرجي.“

شيام چندرا جو منهن پنهنجي ٻنهي هٿن ۾ جهلي چيو:

”استري صرف اتي ئي شڪست کائيندي آهي، ڪنهن جي من ۾ پيڙا ڏسي جهڪيو وڃي! ليڪن مان نہ چاهيندس تہ جنهن کي مان چاهيان اها ڪڏهن بہ ڪنهن جي اڳيان جهڪي. تون پنهنجي سؤمان جي سوال تي مون سان وڙهي جهڳڙو ڪري مون کان الڳ ٿي وڃين، ان جو ڏک بيحد ٿيندم، ليڪن شڪايت نہ ڪندس ڇو جو ان ۾ ڏوهاري مان ئي هوندس، مان ائين ئي ٿو چاهيان تہ تون منهنجي اڳيان ڪڏهن بہ ڪنهن غلط ڳالهہ تي نہ جهڪين.“

چندرا جي اکين ۾ اسيم سنيہ پرجي ويو. پنهنجو منهن شيام جي سيني ۾ لڪائيندي چيائين، ”منهنجو هار سونو ٿي ويو. شيام! تون نٿو ڄاڻين تہ تو مونکي اڄ ڪيترو آدر ڏنو آهي، سچ پچ تو جهڙا ساٿي اتفاق سان واٽ تي ملي ويندا آهن. ڳولهڻ تي آسانيءَ سان ملي نہ سگهندا آهن.“

❊

# ڏهه

ٽن مهينن بعد جڏهن شيام ۽ چندرا جي شادي ٿي تہ ان ۾ پئسي جي ڪا بہ ڏي وٺ ڪا نہ ٿي. ويڏيءَ جا منتر سنڌي ارٿ سميت چوايا ويا ۽ ڄاڃين کي وندرائڻ لاءِ سنيما رڪارڊن بدران ننڍڙو مشاعرو ڪيو ويو.

شاديءَ بعد ڪجهہ ڏينهن لاءِ شيام جي شاعري صفا بند رهي، پر جڏهن ٽن چئن مهينن بعد هن وري قلم کنيو تہ روماني شاعر مان عوامي شاعر بڻجي ويو. هينئر هن جي شعرن ۾ عوام جون حسرتون ۽ اڌپورا خواب چٽيل هوندا هئا. هن جي ڪوتائن ۾ سگريٽن جي دونهي بدران ملين جو دونهون هوندو هو ليڪن اها خبر ڪنهن کي ڪا نہ رهي تہ شيام جي انهيءَ ڦيري پٺيان ڪهڙي شڪتي ڪم ڪري رهي هئي. شيام جي شاديءَ بعد ٽن چئن مهينن ۾ ڇا وهيو واپريو تنهنجي ڄاڻ پڻ

ڪنهن ڪي ڪا نہ رهي، رگھو شيام پنهنجي ڊائريءَ ۾ هيٺيان بہ ورق ڳنڍيا هئا....

ورق پهريون:

ورق پهريون: شاديءَ کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ....

اڌ رات جو مان پلنگ تان اٿي ڪڙو ٿيس.

چندرا پڇيو "ڪيڏانهن؟"

"اهو نہ پڇ."

"ٻڌائڻ نہ کپيئي...هاڻي مان تنهنجي پتني آهيان."

"هڪ سهڻو خيال آيو آهي."

"تہ اٿين ڇو ٿو؟ اٿين ئي ٻڌاءِ."

جهڪي نيري روشنيءَ ۾ چندرا جي سرير جو مٿيون حصو جنهن تي چادر پيل ڪا نہ هئي، هڪ روماني شعر جيان پئي ڀاسيو.

"خيال ڪيمر، لکي ڇڏيان، اهڙو خيال تہ اڳي ڪنهن ڪي آيو آهي، نہ هن کان پوءِ ڪنهن کي ايندو."

"توکي تہ آيو آهي نہ، ٻڌائي ڇڏ...مان صبوح جو ٻڌائيندي سانءِ."

"توکي صرف مان کپان، منهنجي شاعري نہ کپي؟"

چندرا رسي منهن ورائي ڇڏيو.

مان اٿي وڃي لکڻ وينس، پر ڪجهہ بہ لکي نہ سگهيس، تڏهن موٽي اچي چندرا جي پاسي ۾ وينس.

"ٻڌين ٿي؟"

"نہ."

"نہ ٻڌين ويٺي!"

"مان ٻڌڻ نٿي چاهيان."

"مان لکي نٿو سگهان."

"اهو ئي وڃي لک."

"شاعريءَ ۾ هر ڳالهہ ڪي جڳهہ نہ آهي."

”ان ۾ منهنجو ڪهڙو قصور.“

”هيڏانهن ديوار تي هي جڳنو ڏس....سنڌيءَ ۾ ان کي ٽانڊاٽو چئبو آهي. مون ان تي ڪجهه لکڻ ٿي چاهيو پر لکي نه سگهيس.“

چندرا منهن ورائي ديوار ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳي.

”کلين ڇو ٿي؟“

”ٽانڊاٽو جو ڏنم.“

”ڪهڙي برائي آهي ويچاري ۾؟“

”هڪ ڪهاڻي ياد آيم.“

”ٻڌاءِ.“

”ٻڌ. هڪ مسافر خاني ۾ پتي پتني اچي ٽڪيا. رات جو مڇرن ڏاڍو تنگ ڪين. پتيءَ پتنيءَ کي چيو: بتي وسائي ڇڏ ته اونڌهه ۾ مڇر اسان کي ڏسي نه سگهندا. پتنيءَ بتي وسائي ته ٿوري وقت بعد هنن جي ڪمري ۾ ٻن ٽانڊاٽن پرويش ڪيو. پتي به ذرا شاعراڻي مزاج جو ٿي ڏٺو. پتنيءَ جو ڌيان ٽانڊاٽن ڏانهن ڇڪائيندي چيائين: ڏس نه، هتي جا مڇر به ڪهڙا نه چالاڪ آهن. اسان کي ڳولڻ لاءِ پاڻسان ٽارچون کڻي آيا آهن.“

شيام ڪان ٿهڪ نڪري ويو پر پوءِ سنجيدو ٿيندي چيائين. ”مون لکڻ ٿي چاهيو ته هڪ شمع اجهامڻ کان اڳي خدا کي چيو ته اي خدا! مون پنهنجي مختصر زندگيءَ ۾ سوين پروانن جي جان ورتي آهي. سچ ته مان پروانن تي ديواني ٿي پئي آهيان. مان چاهيان ٿي ته هڪ هڪ پرواني کي پنهنجي سيني سان لڳايان، پر ڇا ڪريان، تو مون کي مجبور بنائي ڇڏيو آهي. ان ڪري هاڻي جڏهن تون مونکي نئون جنم ڏين ته ڪنهن پرواني جي سيني اندر ئي پيدا ڪج. جيئن پروانو ۽ مان هڪ نظر اچون. ۽ خدا سچ پچ شمع جو اهو عرض اگهائي ٽانڊاٽن کي خلقيو.“

چندرا ٺهڪ ڏيئي کليو. پوءِ آهستي چيائين، ”لکجي تہ منش جيون ئي لکجي. منش جيون ۾ انهن جو ذڪر اچي تہ پلي ڪجي. باقي شاعريءَ ۾ صرف ميڻ بتين ۽ مچرن تي لکڻ ڪوتا ديويءَ جو اپمان ڪرڻو آهي.“

مون چيو: ”تون ڪلپنا جي اڏام کي نٿي ڏسين.“

”منش جيون متعلق ڪجهہ ٻڌاءِ تہ ٻڌڻ بہ پڇي.“

مون هن جي نگاهن ۾ نگاهون اٽڪائي چوڻ چاهيو:

”چندرا، شاديءَ بعد مون انيڪ بار شعر لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر ڪامياب نہ ٿيو آهيان. ڪوتا جي ديوي مون سان جڻ رسي ويئي آهي، هوءَ شايد ائين ٿي چاهي تہ مان قلم ٽوڙي ڦٽو ڪري ڇڏيان.“

رات جو پوين پهر: تيز هوا تي اڌ کڙڪي نڪاءُ ڪري بند ٿي ويئي. هوا جي لهرن تي اڏامي چندرا جي کليل وار منهنجي منهن سان کيلي رهيا هئا. کڙڪيءَ جي نڪاءَ تي اسان ٻنهي جي اک کلي ويئي. چندرا پنهنجي ڪيسن کي منهنجي منهن تان هٽائڻ چاهيو پر اهي اڳي کان بہ وڌيڪ پريشان ٿيڻ لڳا. چندرا هٿ وڌائي انهن کي دور ٿي هٽايو تہ مون هن جو هٿ پڪڙي ورتو ۽ پنهنجي ڳل هيٺان رکي ڇڏيم.

سج جي روشني چند سان ٽڪرائجي سيتل ٿي اڌ کليل کڙڪيءَ مان داخل ٿي چندرا جي مکڙي کي وڌيڪ تابدار بڻائي رهي هئي.

”خوب!“ منهنجي زبان مان ازخود نڪري ويو.

رات جو مون چندرا کي غلط سمجهيو هو. چندرا شايد منهنجي ڇهري جي ٻاونا مان ئي سمجهي ورتو هو. آهستي چيائين، ”ليڪن منهنجي اهميت ڪهڙي!“

”ڇو؟“

” تو پنهنجي شاعريءَ کي منهنجو رقيب چو ٻڌائي ڇڏيو آهي!“
”حقيقت ۾ تہ تون ئي منهنجي شاعريءَ جي رقيب بڻجي ويئي آهين.“
” تہ توکي پنهنجي ٽانڊاڻن واري شاعري مون کان وڌيڪ پياري آهي!“
مان چپ.
”تہ بزار مان ڊزن ڊيڊ ميڻ بتيون چو نٿو وٺي اچين! هزارين مڇر اچي مڙندا ۽ هڪ مهاڪاويہ لکجي ويندو.“
”نہ مون لاءِ صرف تون ئي....“
”قسم کڻ!“
” تہ....؟“
”تہ منهنجي حاضريءَ ۾ شاعري بند.“
”ڇا شاعري توکي پسند نہ آهي؟“
”پسند آهي، پر ٿوري ٿوري.“
”مگر انهن شاعراڻن احساسن ئي تہ اسان کي ملايو آهي.“
”پر جيڪڏهن پريم سبنڌ ئي هڪ شعر بڻجي وڃي تہ؟“
”تہ پوءِ ان سبنڌ کي لفظن جو لباس پهرائجي.“
”بنا لفظن واري شاعريءَ کي تون لفظن جو محتاج بنائڻ ٿو چاهين؟“
”انهيءَ مان روح کي راحت ملندي آهي.“
”ٽانڊاڻن تي لکڻ سان؟“
”نہ شاعري ڪرڻ سان.“
”تون مونکي غلط نہ سمجهہ. شيام، احساسن کي هرويرو لفظن جو روپ نہ ڏي، دل ڳالهائي، دل ٻڌي، دل سمجهي، تون منهنجون ياوناﺋون پڙهہ، مان تنهنجون.“
”چڱو هاڻي ائين ئي ٿيندو.“

”قسم کڻ!“

”قسم!“

”ڪنهنجو.“

”تنهنجو.“

ورق پيو: اڍائي مهينا پوءِ...اڌ رات.....

چندرا منهنجي گلي ۾ ٻانهون وجهي چيو ”ساهڙيون مٿو کائي ويئيون آهن.“

”ڇا لاءِ؟“

”چون ٿيون تنهنجي گهوٽ کي ڇا ٿيو آهي؟“

”ڇا ٿيو اٿم؟“

”پڇن ٿيون تنهنجي ”هن“ ڪوتائون لکڻ بند ڇو ڪري ڇڏيون آهن؟“

”هنن کي اها خبر ڪيئن پيئي؟“

”رسالن ۾ جو تنهنجو نالو ئي ڪونهي.“

”پوءِ تون ٻڌاءِين تہ توئي مونکي شاعري نہ ڪرڻ جو قسم وڌو آهي؟“

”قسم تہ مون ٿانڊاٽن واري شاعريءَ جو....“

”اهو ئي ٻڌاءِين؟“

”تون ڇا مون کي اهڙو ڪچو ٿو سمجهين!“

” تہ تو ضرور ائين ئي چيو هوندن تہ مان جو هاڻي هن جي ڪوتا ٻڻجي ويئي آهيان، سو هو ڇا ٻي شاعري ڪري منهنجو اپمان ڪري!“

”اهي ڳالهيون ٻين اڳيان ظاهر نہ ڪبيون آهن.“

”ڇا تنهنجي ساهيڙين کي توسان حسد ٿيندو؟“

”حسد ڇو ٿيندو هر ڪا پتني پنهنجي پتيءَ لاءِ ڪوتا جو روپ تہ آهيئي.“

”سو مان ڄاڻان ٿو.“ مون سنيه وچان هن جي هڪ پريشان ڇڳ کي ٻين ڇڳن سان الجهائيندي چيو: ”پر ان کي ظاهر ڪرڻ ۾ ٻه ڇاهي؟ قدرت جيڪي رچنائون ڪيون آهن انهن ۾ ڪوتا جو روپ ته آهيئي، مگر استريءَ کان وڌيڪ سندر ڪوتا ٻي ٿي به ڪهڙي ٿي سگهي! دنيا جي سموري شاعريءَ جو نچوڙ عورت آهي، عورت نه هجي ته شاعري ئي نه ٿئي.“

من موهڻي مرڪ مرڪندي چندرا چيو ”شيام تون هڪ استريءَ ۾ دنيا جون تمام استريون ڏسي سگهين ٿو ۽ دنيا جي مڙني استرين ۾ هڪ استري ڏسي سگهين ٿو ڇاڪاڻ جو تو وٽ ڪلپنا آهي، ڇاڪاڻ جو تون شاعر آهين، هر شاعر جي دل اندر استريءَ جي هڪ خاص ڪلپنا رهندي آهي. تون پنهنجي ان ڪلپنا واري استريءَ کي ڌيان ۾ رکي چوين ٿو ته دنيا جي ڪل شاعريءَ جو نچوڙ عورت آهي، ليڪن حقيقت ۾ اهو سڀ ڇا آهي، صرف پرش جي ڳالهه پرش تائين آهي، استري صرف پرش لاءِ ئي ڪوتا جو روپ آهي، هڪ استري ٻيءَ استري لاءِ ائين آهي جيئن هڪ پرش ٻئي پرش لاءِ.“

”آخر تون چوڻ ڇا ٿي چاهين؟“

”مان اهو ئي ٿي چوان ته پرش به هڪ ڪوتا آهي.“

”ليڪن پرش ته دنيا جي شاعريءَ جو نچوڙ نه آهي.“

”ڇاڪاڻ جو دنيا م شاعري اڪثر پرشن ئي ڪئي آهي.“

”يعني؟“

”دنيا جي شاعري اڃا مڪمل نه آهي.“

”ثابتي؟“

”ڏس شيام! تون پرش آهين، مان استري. تو وٽ اگر شوخي آهي ته مون وٽ مرڪ آهي، تو وٽ سنجم ۽ گنڀيرتا آهي ته مون وٽ چنچلتا آهي. طبيعت ۽ مزاج جي خيال کان اسين هڪ ٻئي جي

مختلف آهيون، پر پريم جڏهن ان مختلف جو ميلاپ آڻي ٿو تڏهن ئي دنيا جي ڪوتا جي رچنا ٿئي ٿي. استري ۽ پرش جو پريم ڪوتا جو هڪ بهترين روپ بڻجي وڃي ٿو. هيلتائين دنيا ۾ جيڪي بہ مهاوڪاويہ رچيا ويا آهن، اهي پرشن ئي رچيا آهن. اگر هڪ بہ مهاڪاويہ ڪنهن استريءَ جو رچيل هجي ها تہ ”استري هڪ عجيب، نہ سلجهندڙ پرولي“ يا ”شاعريءَ جو نچوڙ“ وغيره جو لقب پائي نہ سگهي ها. اهو صرف پرشن جو ئي پرم آهي. اها فقط پرش جي ئي نقطہ نگاهہ آهي، استري جڏهن اڳتي وڌي پنهنجي نقطہ نگاهہ دنيا اڳيان پيش ڪندي، تڏهن هڪ ڪن ۾ پرش جي پرم جي اها ديوار ٽٽي پوندي“

مان مرڪڻ لڳس، چندرا منهنجي مک جي بدلجندڙ ڀاونا ڪي جاچي رهي هئي ۽ مان هن جي اکين ۾ نهاريندو سوچي رهيو هوس: ها، هيءَ منهنجي آهي.... منهنجي اصلي ڪوتا جو روپ. مان ڄاڻان ٿو تہ استري ۽ پرش هڪ ٻئي ڪانسواءِ اڌورا آهن ۽ جتي اٽپورٽتا آهن، کوٽ آهي، اتي ئي هڪ ٻئي کي ڄاڻڻ جي لوچ آهي، تڙپ آهي.

”ڇا پيو سوچين؟“

”سوچيان ٿو ڪوتا شروع بہ منش سان ٿئي ٿي، پوري بہ هن سان ٿئي ٿي، منش جو پرڪرتيءَ جي هڪ هڪ چيز سان واسطو آهي، منش پنهنجي ڪلپنائن ۽ ضرورتن جي پورائي لاءِ جدوجهد ڪري ٿو ۽ ان ڪشمڪش مان ئي ساهت ۽ وگيان جو نرماڻ ٿئي ٿو. تنهنجي ساهيڙين کي منهنجون ڪوتائون ڪيئن؟ پر شاديءَ بعد تہ مون شاعري ڪئي ڪانهي. پوءِ رسالن کي موڪليان ڇا؟

”تہ لک نہ!“

”تو قسم جو وڏو آهي!“

”تو قسم ڪنيو ڇو؟“

”واهہ! هڪ چوري، مٿان سيني زوري!“

"شاعرن کي ڪڏهن بہ اهڙن بندڻن ۾ ٻڌجڻ نہ کپي. تنهن کان سواءِ تو تي بندڻن تہ صرف تانداڻن واري شاعريءَ جو آهي."

"تون پاڻ ئي پنهنجو وڏل قسم توڙڻ لاءِ چئي رهي آهين."

"مڙهيل بندڻن هميشہ توڙيو ويندو آهي. شاعر جي شاعريءَ تي سڄي سنسار جو اڌڪار آهي. اهو ڪنهن هڪ ڪي سونپڻ، سواءِ آڳيان جي ٻيو ڪي ڪينهي، ٻي ڳالهہ تہ لکجي تہ منش جيون تي لکجي، منش جيون ۾ گل ۽ ڪنڊا اچن تہ پوءِ انهن تي بہ پلي لکجي، ليڪن ڪلا کي پلئي پلائي بہ نرواسي بنائي چند لوڪ ڏانهن موڪلڻ نہ گهرجي. پلئي پلائي بہ ان کي گلن جي پڃري ۾ بند ڪري ان ۾ ڪنڊا چڀائڻ نہ گهرجن. پلئي پلائي بہ ان کي کنيپ لڳائي ميڻ بتيءَ ۾ جلائڻ نہ گهرجي. منهنجي هڪ التجا قبول ڪندين؟"

"چئہ"

"تون پنهنجي نئين شعر ۾ منش جي ستيہ لاءِ کوجہ جو چتر چٽ. ڏيکار تہ منش ستيہ جي حاصلات لاءِ جيون ۾ ڪهڙو سنگهرش ٿو ڪري، ڏيکار تہ ان سنگهرش مان ڪلا جو نرماڻ ٿئي ٿو. تون ان شعر ۾ ڏيکارج تہ اڄ ڪلا فقط دل بهلائڻ جو ذريعو نہ بلڪ زندگيءَ کي اڳتي وٺي هلڻ جو واهڻ آهي، اڄ روئڻ رڙڻ، الجهنون ۽ پروليون پيش ڪرڻ جو وقت نہ آهي. اڄ سنسار هڪ اهڙي بہ واٽ تي بيٺو آهي جتي هڪ راهہ زندگيءَ جي آهي، ٻي موت جي. ڪلاڪار کي اڄ اهہ اهم فيصلو ڪرڻو آهي تہ کيس زندگي پسند آهي يا موت. جي هن کي زندگي کپي تہ غفلت ڇا جي! اڄ هر ڪوي، هر اديب، هہ ساهتڪار جي قلم مان اڏاوت ۽ شانتيءَ جي ئي للڪار پيدا ٿيہ گهرجي."

"ها چندا، تون بلڪل ٺيڪ ٿي چوين. مان پنهنجو پهريون ٠٠ شعر وقت جي ان تقاضا پٽاندڙ ئي لکندس، ليڪن ان کان ا ، جيڪڏهن مان ٻيو هڪ شعر لکان تہ؟"

"يعني؟"

مون چندرا جي چپن کي سلگائيندي چيو: "يعني جو دنيا ٻڌي نہ سگهندي، پر مون لکي بہ ڇڏيو.

***

# نئون نياپو اڪيڊمي

## مارڪيٽ ۾ موجود ڪتاب

1.عشق جون ڳليون ( سفر ناما ۽ ييون لکڻيون) گل حسن ڪلمتي مُلهه: 200
2.ڪالاش: ڪافرن جو ديس (سفرنامو) گل حسن ڪلمتي مُلهه: 200
3.جڏهن مان چوهٺ جو هوندس (ڪهاڻيون) ممتاز مهر مُلهه : 70
4.نہ وڃڻ جو پڇتاءُ (ڪهاڻيون) يوسف سنڌي مُلهه: 70
5.ڊائريءَ ۾ رکيل گلاب (ڪهاڻيون) منصور برڙو مُلهه: 70
6.متيءَ هاڻا ماڻهو (ڪهاڻيون) اڪبر اديب مُلهه: 90
7.رنگن جي خانہ بدوشي (نظم) ايوب گل مُلهه: 70
8.اسٽور روم (نظم) علي اظهار مُلهه: 80
9. پہ ڪتاب (ڪهاڻيون) ممتاز مهر مُلهه: 90
10.ڳوڙهن جا ڪبوتر (ڪهاڻيون) پرويز مُلهه: 90
11.متيءَ هاڻا ماڻهو (ڪهاڻيون) اڪبر اديب مُلهه: 90
12.مس سدا بهار چنبيلي (ناول) الطاف شيخ مُلهه: 125
13.ڪيپيل نڪ (ڪهاڻيون) عباس سارنگ مُلهه: 90
14.لاڙ لهرون ۽ سمنڊ (شاعري) نواز خان زئور مُلهه: 150
15.سمنڊ تو مونکي سڏي (پنجڪڙا) ايوب گل مُلهه: 100
16. عجب اکڙيون (ڪهاڻيون) قرت العين حيدر مُلهه: 90
17.نيٺ تہ ڊهندي (ڪالم) آفتاب ميمڻ مُلهه: 90
18.پٽر جو جگر ميڻ جي دل (ناول) موهن ڪلپنا مُلهه: 90
19.ساروٽيون سفر جون (سفرناما) نصير اعجاز مُلهه: 200
20.رڻ ۾ رات ٿري (شاعري) رحيمداد جوڳي مُلهه: 100

**لک پڙهہ لاءِ**
**A-12, Sachal Goth, Gulshan-e-Iqbal,**
**Karachi. SINDH.**
**Ph # 021-34690389 Cell # 0346-2103811**
E-mail:naon_niapo@yahoo.com